ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :11 | اڱارو 27 ڊسمبر 2022ع بمطابق 02 جمادي الثاني 1444ھ | شمارو 74 | قيمت 10 رپيا

ادارن جي سياست کان لاتعلقي شهيد بينظير ڀٽو جي خواب جي تعبير آهي: آصف زرداري

اسان شهيد محترمہ جي مشن جي حوالي سان ننڊ ۾ بہ غفلت نٿا ڪري سگهون، سياست ۾ شهيد محترمہ منهنجي رهنمائي ڪئي هئي ۽ هاڻ شهيد محترمہ جو فلسفو رهنمائي ڪري رهيو آهي

آئين ۽ جمهوريت خاطر شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جن ڏکيائين کي منهن ڏنو هوءَ صبر ۽ سهپ جي علامت هئي، هن انتهائي بهادري، برداشت سان آمرن جي خوف جي ٻت کي ڊاهي ڇڏيو

هن وحشي آمرن جي بهادري سان مزاحمت ڪئي، اسان ۾ اهو رت ناهي، جيڪو ڏکيائين جي باھ جي تيڪ سان ميڻ جيان ڳري وڃي پر اهڙي جبر جي حالتن مان گذري اسان مضبوط ٿيندا وينداسين

محترمہ شهيد بينظير ڀٽو اسان کي اهوئي سيکاريو آهي، جمهوريت جو تسلسل محترمہ شهيد بينظير ڀٽو جو خوبصورت خواب هو ۽ سنڌس خواب پورو ڪري ڇڏيو آهي

ملڪ مضبوط ۽ پائيدار جمهوريت تي رستي تي هوندو، ادارن طرفان سياست کان لاتعلقي ۽ رڳو آئين تي عمل ڪرڻ جو اعلان بہ محترمہ بينظير ڀٽو شهيد جي خواب جي تعبير آهي

اسان پنهنجو ملڪ جنت بڻائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون، هر قسم جي شدت پسندي کان پاڪ معاشرو چاهيون ٿا، جتي علم جي روشني هجي، عوام کي روزگار ملي

ڪراچي (م ر) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو آهي تہ اسان شهيد محترمہ جي مشن جي حوالي سان ننڊ ۾ بہ غفلت نٿا ڪري سگهون. سياست ۾ شهيد محترمہ منهنجي رهنمائي ڪئي هئي ۽ هاڻ شهيد محترمہ جو فلسفو رهنمائي ڪري رهيو آهي، محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت جي حوالي سان جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ آصف زرداري چيو تہ آئين ۽ جمهوريت خاطر شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جن ڏکيائين کي منهن ڏنو اهو اڄ تائين ڪنهن نہ ڏنو هوءَ صبر ۽ سهپ جي علامت هئي، هن انتهائي بهادري، برداشت سان آمرن جي خوف جي ٻت کي ڊاهي ڇڏيو هن وحشي آمرن جي بهادري سان مزاحمت ڪئي، هن چيو تہ اسان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: اڳوڻو صدر آصف علي زرداري پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ گم ٿيل ناري سميت 4 گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت جي ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ گم ٿيل ناري سميت 4 گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت جي ٻڌڻي ٿي، عدالت گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي نہ ڪرڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو عدالت پوليس پاران پيش ڪيل غير تسلي بخش رپورٽ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي گم ٿيل ماڻهن بابت ٽاسڪ فورس ۽ جي آءِ ٽي جو اجلاس گهرائڻ جو حڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پاڪستان جي جيتري بي توقيري گڏيل حڪومت ڪئي، اڄ تائين ڪنهن نہ ڪئي: شهباز شريف

حلف کڻڻ وقت مون کي علم نہ هو تہ پاڪستان جي معيشت ايڏي تباھ ٿي چڪي آهي ۽ پاڪستان جو ڏيوالو ٿي رهيو آهي

حڪومت ڪوشش سان ملڪ کي ڏيوالي کان بچائي ورتو، ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڪيترائي چئلينج هئا ۽ پوءِ بہ تباهي آندي

خاطري ٿو ڪريان تہ جيستائين ٻوڏ متاثر پنهنجي گهرن ۾ واپس نٿا وڃن سڪ سان نہ ويهنداسين، گڏيل حڪومت پاڪستاني معيشت جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو

عمران خان پاڪستان جي عزت خاڪ ۾ ملائي، پاڪستان جي جيتري بي توقيري گڏيل حڪومت ڪئي، اڄ تائين ڪنهن نہ ڪئي

دهشتگردي جي واقعن جي روڪٿام ۽ ان ناسور کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ گڏيل اجلاس گهرائي رهيو آهيان ۽ سمورا وسيلا استعمال ڪندي دهشتگردي جو مقابلو ڪنداسين

پاڪستان ۾ ٻيهر امن قائم ٿئي. جيستائين ٻوڏ متاثر پنهنجي گهرن ۾ واپس نٿا وڃن سڪ سان نہ ويهنداسين، گڏيل حڪومت پاڪستاني معيشت جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو

ڊيرا اسماعيل خان (م ر) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ حلف کڻڻ وقت مون کي علم نہ هو تہ پاڪستان جي معيشت ايڏي تباھ ٿي چڪي آهي ۽ پاڪستان جو ڏيوالو ٿي رهيو آهي پر حڪومت ڪوشش سان ملڪ کي ڏيوالي کان بچائي ورتو ڊيرا اسماعيل خان ۾ مختلف ترقياتي منصوبن جي پيڙھ جو پٿر رکڻ ڪانپوءِ تقريب سان خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيوان ۾ ڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05



ڊيرا غازي خان: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪندي

آمريڪا ۽ ڪينيڊا ۾ "برسائيڪلون" تباهي مچائي ڇڏي، 38 ڄڻا اجل جو شڪار، ڪروڙين متاثر

آمريڪا ۾ مختلف واقعن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 34 شهري فوت ٿي چڪا آهن، برفاني طوفان سبب نيويارڪ رياست جو علائقو بفلو سڀ کان گهڻو متاثر ٿيو آهي

ڪئناڊا جي اولهندي صوبي برٽش ڪولمبيا جي شهر ميرٽ ۾ هڪ مسافر بس برفيلي رود تي ترڪڻ سبب حادثي جو شڪار ٿي وئي، نتيجي ۾ چار مسافر حياتيون وڃائي ويٺا آهن

شديد برفاني طوفان ۽ انتهائي منفي گرمي پد سبب اٽڪل ست ڄڻن جا لاش گاڏين مان مليا آهن، طوفان سبب ورمونٽ، اوهائيو، ميسوري، وسڪونسن، ڪنساس ۽ ڪولوراڊو ۾ بہ فوتگيون ٿيون

نيويارڪ (م ر) آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ شديد برفاني طوفان سبب مختلف حادثن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 38 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا آهن ۽ اتر آمريڪا ڪنڊ ۾ زندگي جو نظام ڊانواڊول ٿي ويو آهي. اختيارين جو چوڻ آهي تہ آمريڪا ۾ مختلف واقعن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 34 شهري فوت ٿي چڪا آهن جڏهن تہ برفاني طوفان سبب نيويارڪ رياست جو علائقو بفلو سڀ کان گهڻو متاثر ٿيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪابينا ڊويزن ايندڙ سال عام موڪلن ۽ اختياري موڪلن جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا

سال 2023 ۾ 38 عام موڪلون ۽ اختياري موڪلون هونديون، 16 عام ۽ 22 اختياريون موڪلون هونديون

سال 2023 ۾ 16 عام موڪلن مان بہ آچر ڏينهن هونديون، 2 جنوري، 22 مارچ ۽ 3 جولاءِ تي ٻنهي تي موڪل هوندي

اسلام آباد (م ر) ڪابينا ڊويزن ايندڙ سال عام موڪلن ۽ اختياري موڪلن جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا، ڪابينا ڊويزن طرفان جاري ڪيل پڌرنامي ۾ چيو ويو آهي تہ سال 2023 ۾ 38 عام موڪلون ۽ اختياري موڪلون هونديون، 16 عام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

جنرل باجوا ۽ سندس ٽيم سينيٽ ۽ اليڪشن ۾ عمران خان جي مدد ڪئي: صدر

مون آڊيوز ۽ وڊيوز واري راند بابت نئين آرمي چيف سان ڳالهايو آهي، مون کي حيرت آهي تہ اهو سلسلو جاري آهي

ڪنهن بہ اخلاقي لحاظ کان اهو سلسلو جاري نہ رهڻ گهرجي، نئين آرمي چيف سان فوج جي اڳ ڏريو رهڻ بابت ڳالهہ ٻولهہ بہ ٿي

جڏهن جماعت اسلامي ۾ هيس تہ پارٽي اميدوارن کي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ وقت شراب پيئڻ يا نہ پيئڻ واري سوال جو جواب ڏيڻو پوندو هو

ڪراچي (م ر) جنرل باجوا ۽ سندس ٽيم سينيٽ ۾ عمران خان جي مدد ڪئي، هن اليڪشن ۾ بہ بي ٽي آءِ جي مدد ڪئي هئي، اهي ڳالهيون صدر عارف علوي پنهنجي مان ۾ ڊنل ڊنر تقريب کي خطاب دوران ڪيون، صدر عارف علوي چيو تہ مون آڊيوز ۽ وڊيوز واري راند بابت نئين آرمي چيف سان ڳالهايو آهي، مون کي حيرت آهي تہ اهو سلسلو جاري آهي، ڪنهن بہ اخلاقي لحاظ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: صدر ڊاڪٽر عارف علوي اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي جو اهم اجلاس ٿيو

ڪراچي (پريس ريليز) سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي جو اهم اجلاس علي حسين بروهي چيئرپرسن جي صدارت ۾ سگا هيڊ آفيس جي مظهر ميمڻ ريسورس سينٽر ۾ ڪوٺايو ويو. ولي محمد روشن سيڪريٽري جنرل ڪارروائي هلائي گڏجاڻي ۾ ايجنڊا موجب اداري جي تنظيمي معاملن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عمران خان جي ڪري اڄ پاڪستان جي معيشت مشڪل دور مان گذري رهي آهي: مرتضيٰ وهاب

چاڪاڻ تہ عمران خان پنهنجي ذات جي عشق ۾ اهڙا بيان ڏيندو آهي جنهن سان پاڪستان کي نقصان ٿئي ٿو

پنهنجي پاليسين ۽ اعلانن سان سياسي افراتفري جي صورتحال کي ختم ڪرڻ گهرجي: سنڌ حڪومت جو ترجمان

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ قانوني صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ عمران خان جي ڪري اڄ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

عارف علوي بہ مڃي ورتو تہ عمران خان سليڪٽڊ هو: شيري رحمان

عارف علوي جو بيان عمران خان چارج شيٽ آهي، عمران خان اڄڪلهہ اڳوڻي آرمي چيف تي حڪومت خلاف سازش جا الزام هڻي رهيو آهي

ان جو صدر چئي رهيو آهي تہ اڳوڻي آرمي چيف ٿي سينيٽ ۽ عام چونڊن ۾ مدد ڪئي، دير سان ٿي پر عارف علوي بہ اعتراف ڪري ورتو تہ عمران خان سليڪٽڊ هو

عمران خان هڪ پاسي اسٽيبلشمينٽ تي الزام هڻي رهيو آهي ۽ ٻئي پاسي انهن کي سياسي، انتظامي ڪردار ادا ڪرڻ جو چئي رهيو آهي

اسلام آباد (م ر) ماحوليات بابت وفاقي وزير شيري رحمان چيو آهي تہ دير سان ٿي عارف علوي بہ اعتراف ڪري ورتو تہ عمران خان سليڪٽڊ هو هڪ بيان ۾ شيري رحمان چيو تہ عارف علوي جو بيان عمران خان چارج شيٽ آهي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: ماحوليات بابت وفاقي وزير شيري رحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

ڊالر جو اگهہ برقرار، يورو، درهم ۽ ريال مهانگا ٿي ويا

ڪراچي (م ر) اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو اگهہ 234 رپيا 50 پيسا تي برقرار آهي. فاريڪس ڊيلرز چيو آهي تہ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي کوٽ آهي. فاريڪس ڊيلرز موجب بليڪ تي ڊالر 250 رپين کان 255 رپين تائين ملي رهيو آهي. يورو 50 پيسا مهانگو ٿي 262 رپيا 50 پيسا، برطانوي پائونڊ هڪ رپيو مهانگو ٿي 300 رپيا، اماراتي درهم 10 پيسا وڌي 69 رپيا 50 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي: رينجرز جي مقابلي ۾ بدنام افغان ڦورو مارجي ويو

جوابي فائرنگ ۾ ڦورو بلال افغاني مارجي ويو ۽ سندس ساٿي زخمي ٿي پيو

مارجي ويل بلال افغاني علائقي ۾ وڏين ڪارروائين ۾ ملوث هو: ذريعا

ڪراچي (م ر) سپر هاءِ وي تي سبزي منڊي ويندڙ واپارين کان ڦرلٽ دوران رينجرز جي ڪارروائي ۾ بدنام افغاني ڦورو مارجي ويو رينجرز ذريعن موجب رينجرز جي هڪ ٽيم سپر هاءِ وي جي علائقي خميسي گوٺ ۾ واپارين کان ڦرلٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

لاهور: پنجاب جي صحت بابت صوبائي وزير ياسمين راشد اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

اعظم سواتي تڪراري ٽوئيٽ ڪيس، رياست کي نوٽيس جاري

اعظم سواتي جي گرفتاري ڪانپوءِ ضمانت واري درخواست تي رياست کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

اعظم سواتي طرفان سندس وڪيل بابر اعوان عدالت ۾ پيش ٿيو، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڌرين کان ايندڙ سومر تائين جواب طلب ڪري ورتو

اعظم سواتي جو ڪنهن اداري کي بدنام ڪرڻ جو ارادو بہ نہ هو، جاچ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ بہ استغاثو وٽ سندس خلاف ڪو ثبوت ناهي

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ سينيٽر اعظم خان سواتي جي تڪراري ٽوئيٽ ڪيس ۾ رياست کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي اعظم سواتي جي گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ٿر ۾ خودڪشين تي ڪنٽرول نہ ٿيو، 5 سالن اندر 617 ماڻهن موت کي ڳلي لڳايو

ٿر ۾ اربين ڊالرن جي توانائي منصوبن سان پاڪستان تبديل ٿي رهيو آهي پر ٿر جي رهواسين جي زندگين ۾ تبديلي ناهي اچي رهي

احساس محرومي، تعليم جو فقدان، ماسات، ماروئڻ، سئوڻ ۽ ٻين رشتيدارن ۾ شادي نہ ڪرائڻ خودڪشي جا وڏا سبب قرار ڏنا پيا وڃن

ٿرپارڪر ضلعي ۾ هر سال خودڪشي جا واقعا گهٽجڻ بدران وڌي رهيا آهن، گذريل پنجن سالن دوران 617 ماڻهن خودڪشي ڪئي

ڪراچي (م ر) ٿر ۾ خودڪشي جا واقعا بند نہ ٿي رهيا آهن ۽ هر سال وڌي رهيا آهن. ميڊيا رپورٽ موجب ٿر ۾ اربين ڊالرن جي توانائي منصوبن سان پاڪستان تبديل ٿي رهيو آهي پر ٿر جي رهواسين جي زندگين ۾ تبديلي ناهي اچي رهي، احساس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ ڪار سوار هٿياربندن فائرنگ ڪري خشڪ ميوي جي واپاري کي قتل ڪري ڇڏيو

مقتول ليارِي جو رهواسي هو. بلديا جي علائقي عيد گاهہ گرائونڊ موڙ وٽ اڻڄاتل هٿياربندن ڪار تي فائرنگ ڪري ڏني

سڃاڻپ ڪارڊ تي سعيد آباد جو پتو لکيل آهي. مقتول اصل لڪي مروت جو رهواسي هو ۽ هو 5 ٻارن جو پيءُ هو

مقتول جي کيسي مان 35 هزار رپيا روڪ رقم ۽ قيمتي موبائيل فون مليا، جيڪي پوليس قبضي ۾ وٺي ڇڏيا

ڪراچي (م ر) ڪراچي جي اتحاد ٽائون ۾ ڪار ۾ سوار هٿياربندن فائرنگ ڪري خشڪ ميوي جي واپاري کي قتل ڪري ڇڏيو، مقتول ليارِي جو رهواسي هو. بلديا جي علائقي عيد گاهہ گرائونڊ موڙ وٽ اڻڄاتل هٿياربندن ڪار تي فائرنگ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

معدني وسيلن سان مالا مال سنڌ شديد تڪليف ۽ سورن ۾ آهي: اياز لطيف پليجو

سنڌي ماڻهن بيوس ۽ لاچار بڻيل آهن شاهوڪار ڌرتي جي ڌڻين جو ڪو والي وارث نہ آهي

پ پ مسلسل سنڌ جي اقتدار ۾ رهندي پڻ اڄ سنڌي ماڻهن کي مسئلن ۽ مصيبتن کان سواءِ ڪجهہ نہ ڏنو

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجو سان سندس رهائشگاهہ ٻرنس ٽائون قاسم آباد تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

عمران تي حملو ڪندڙ هڪ کان وڌيڪ هئا، حملي آور کي تربيت ڏني وئي هئي: عمر سرفراز چيمہ

جوابدار نويد تربيت يافتہ حملي آور آهي، عمران خان تي حملي وقت هڪ کان وڌيڪ شوٽر هئا، جاچ ۾ ڪيترا حملي آور هئا

جوابدار جي چوڻ ۾ ڪا بہ سچائي ناهي، هينئر تائين جي جاچ ۾ ثابت ٿيو آهي تہ عمران خان تي حملو سوچيل سمجهيل سازش جو حصو آهي

هن ٽريننگ ورتي آهي ۽ ٽيسٽ ۾ ريٽنگ مائنس هئي، اسان کي لانگ مارچ روڪڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون

لاهور (م ر) پنجاب جي گهرو صلاحڪار ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ عمر سرفراز چيما دعويٰ ڪئي آهي تہ عمران خان تي حملو ڪندڙ جوابدار کي باقاعده ٽريننگ ڏني وئي هئي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عمر سرفراز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پ پ عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي: گيانچند ايسراڻي

اقليتن جي حقن کي پنهنجي ايجنڊي ۾ هميشہ مٿاهون رکندي آهي

تعليم، صحت جي شعبن ۾ مسيحي برادري جون خدمتون ساراهہ جوڳيون آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي سومر تي ڪورنگي انڊسٽريل ايريا جي مهراڻ ٽائون ۾ اقليتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: وزيراعظم جو صلاحڪار قمر زمان ڪائره پريس ڪانفرنس ڪندي

حڪمران اتحاد پرويز الاهي جي ناڪامي لاءِ پلان بي تيار

لاهور (م ر) حڪمران اتحاد پرويز الاهي جي ناڪامي لاءِ پلان بي تيار ڪري ورتو آهي، تفصيل موجب 23 ڊسمبر تي پنجاب ۽ ڪي پي ڪي اسيمبليون ٽوڙڻ واري عمران خان جي حڪمت عملي کي ناڪام بڻائڻ جي دعويٰ ڪندڙ حڪمران اتحاد، جنهن کي هن پلان اي جي ڪاميابي قرار ڏنو هو، هاڻي پارٽي جي مخصوص ميمبرن سان حتمي رابطن جي رٿابندي مڪمل ڪري ورتي آهي. پنجاب اسيمبلي لاءِ ان کي پلان بي سڏيو آهي. ذريعن جو چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

شهيد بي بي پاڪستان نہ پر پوري دنيا جي محبوب ۽ عظيم ليڊر هئي: وقار مهدي

عوام دشمن قوتن سان گڏ دهشتگرد بہ شهيد بي بي جي نالي کان بہ خوفزده هئا

پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيدن جي مشن کي ڪٺي اڳتي وڌي رهيو آهي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پ پ پ سنڌ جو جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهچي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، بيگم نصرت ڀٽو ۽ ٻين شهيدن جي مزارن تي حاضري ڀري، ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پاڪستاني سامونڊي حدن ۾ غيرقانوني مڇي مارينڊڙ 6 ڀارتي مهاڻا گرفتار

ڪراچي (م ر) پاڪستاني سامونڊي حدن ۾ غيرقانوني مڇي مارينڊڙ ڀارتي ٻيڙي کي سوگهو ڪري 6 ڀارتي مهاڻي کي گرفتار ڪيو ويو آهي، ترجمان موجب ڪالهہ 26 ڊسمبر 2022 تي هڪ ڀارتي مڇي مارڻ واري ٻيڙي کي سوگهو ڪري 6 ڀارتي مهاڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جيڪي پاڪستاني حدن اندر غيرقانوني طور تي شڪار ۾ مصروف هئا. ترجمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور: وفاقي وزير خواجا سعد رفيق تقريب کي خطاب ڪندي

بجلي جي طلب ۾ واضح گهٽتائي باوجود لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ جو فيصلو

ليسڪو 2 کان 4 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ جو شيڊول ڪيو آهي، لوڊشيڊنگ جو فيصلو ڪمرشل ۽ گهريلو فيڊرز تي لاڳو هوندو

ڪيٽيگري 1 کان 3 جي فيڊرز تي روزانو 2 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪئي ويندي ۽ لوڊشيڊنگ جو مدو صبح 7 وڳي کان شام 7 وڳي تائين هوندو

هاءِ لاسز وارن فيڊرز تي 4 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪئي ويندي، ليسڪو ۾ بجلي جي طلب 2400 ميگاواٽ آهي، صنعتي يونٽن کي لوڊشيڊنگ کان ڇوٽ ڏني ويندي

لاهور (م ر) بجلي جي طلب ۾ واضح گهٽتائي باوجود لوڊشيڊنگ شروع ڪئي وئي آهي، ذريعن موجب ليسڪو 2 کان 4 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ جو شيڊول ڪيو آهي، لوڊشيڊنگ جو فيصلو ڪمرشل ۽ گهريلو فيڊرز تي لاڳو هوندو ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاهور: خواجہ محمد رفيق شهيد جي 50هين يوم شهادت جي موقعي تي منعقد ٿيل سيمينار کي وفاقي وزير خواجہ سعد رفيق خطاب ڪندي

پاڪستان تهڻ کان وٺي صدرن ۽ وزيراعظمن کي مليل تحفن جي درخواست تي رپورٽ طلب

درخواستگذار صدرن ۽ وزيراعظمن کي 1947ع کان مليل تحفن جا تفصيل طلب ڪيا، اهي ڪلاسائيڊ آهي ۽ پاڪستان انفارميشن ڪميشن 29 جون تي حڪم ڏنو هو

5 مهينا گذرڻ باوجود عمل نہ ٿيو آهي، باقي سرڪاري ملازمن کي ڇو شامل نہ ڪيو ويو؟ توهان پاڻ کي صدر ۽ وزيراعظم تائين محدود ڇو ڪري رهيا آهيو؟

ان مان توهان جي عزائم کي ظاهر ڪري ٿو، هر درخواست جيڪا اچي ٿي ان جو تعلق وزيراعظم سان آهي، منهنجي خيال ۾ 1990 کان اڳ جو رڪارڊ موجود نہ هوندو

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پاڪستان جي قيام کان وٺي صدرن ۽ وزيراعظمن کي مليل تحفن بابت ڪابينا ڊويزن کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس مياں گل حسن اورنگزيب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي پوليس بابت حافظ نعيم جو بيان تعصب تي ٻڌل آهي: ناصر شاهہ

حافظ نعيم جو بيان تہ ڪراچي پوليس ۾ هڪ بہ مقامي نہ هجڻ افسوسناڪ ۽ تعصب سان ڀريل آهي، سنڌ جي تعليم کي تباھ ڪري ڇڏيو آهي

حافظ نعيم کي پنهنجي سياسي حيثيت جيتري وڏي ڳالهہ ڪرڻ گهرجي، پيپلز پارٽي جي خمير ۾ عوامي خدمت ۽ سياسي ڊاهپ آهي

پيپلز پارٽي دهشتگردي کي باھ ڏئي رهي آهي، ڪراچي جو عوام باشعور آهي ۽ هو ڪڏهن بہ تنگ نظر ۽ متعصب شخص کي چونڊجڻ نہ ڏيندو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير ناصر شاهہ چيو آهي تہ حافظ نعيم جو بيان تہ ڪراچي پوليس ۾ هڪ بہ مقامي نہ هجڻ افسوسناڪ ۽ تعصب سان ڀريل آهي، سنڌ جي تعليم کي تباھ ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي مڪاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پيپلز پارٽي جي خمير ۾ ڪراچي مخالف آهي: حافظ نعيم

پيپلز پارٽي جي خمير ۾ ڪراچي سان دشمني آهي، پيپلز پارٽي نٿي چاهي تہ ڪراچي جي عوام کي درست سمجهيو وڃي

اسٽريٽ ڪرائم تي ضابطو آڻڻ ۽ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ شهر جي پوليس ۾ 80 سيڪڙو مقامي ماڻهن کي ڀرتي ڪيو وڃي

ڪراچي ۾ 40 هزار کان وڌيڪ پوليس اهلڪار مقرر آهن جن مان هڪ سيڪڙو بہ ڪراچي جو ناهي، ڪراچي ۾ هن وقت سڀ کان سستي شيءِ انساني جان آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان چيو آهي تہ پيپلز پارٽي جي خمير ۾ ڪراچي سان دشمني آهي، پيپلز پارٽي نٿي چاهي تہ ڪراچي جي عوام کي درست سمجهيو وڃي، ڪورنگي عيد گاهہ گرائونڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

آءِ ايم ايف وٽ نہ وياسون تہ ڊفالٽ تي وينداسون: مفتاح اسماعيل

سي پيڪ آمريڪا ۽ چين وچ ۾ سرد جنگ جو نشانو بڻجي ويو آهي

ايترا مسئلا نہ هئا جڏهن اسان پهريان ٽي سال آءِ ايم ايف پروگرام ۾ هئاسين

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) اين اي ڊي يونيورسٽي جي اڪنامڪس اينڊ مئنيجمينٽ سائنسز جي شعبي پاران منعقد ڪيل ٻن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

عمران خان مون کي ٻيهر وزيراعظم ٿيندي نظر نٿو اچي: منظور وسان

تمام جلد ساٿي بہ عمران خان کي خدا حافظ چوڻ وارا آهن: پ پ اڳواڻ

عمران خان لاءِ سٺا ڏينهن نظر نہ پيا اچن، ان لاءِ وڌيڪ مسئلا پيدا ٿيندا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ زراعت بابت صلاحڪار منظور وسان عمران خان ۽ عام چونڊن بابت نئين اڳڪٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: بيگم ثمينا عارف علوي اسڪول جو دورو ڪندي

بجلي جي طلب ۾ واضح گهٽتائي باوجود لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ جو فيصلو

لاهور (م ر) بجلي جي طلب ۾ واضح گهٽتائي باوجود لوڊشيڊنگ شروع ڪئي وئي آهي، ذريعن موجب ليسڪو بہ کان چار ڪلاڪ لوڊشيڊنگ جو شيڊول ڪيو آهي، لوڊشيڊنگ جو فيصلو ڪمرشل ۽ گهريلو فيڊرز تي لاڳو هوندو، ذريعن موجب ڪيٽيگري 1 کان 3 جي فيڊرز تي روزانو 2 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪئي ويندي ۽ لوڊشيڊنگ جو مدو صبح 7 وڳي کان شام 7 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

يو اي اي جي ويزا تي پابندي، قونصل جنرل خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي

ڪراچي (م ر) ڪراچي ۾ گڏيل عرب امارات جي قونصل جنرل بخيت عتيق الرميثي پاڪستاني شهرين لاءِ يو اي اي جي ويزا پابندي جي خبرن کي سختي سان رد ڪندي ان کي ڪوڙي خبر قرار ڏئي ڇڏيو هڪ انٽرويو ۾ يو اي اي جي قونصل جنرل جو چوڻ هو تہ يو اي اي حڪومت طرفان ويزا جي ڪا بہ پابندي ناهي، پاڪستاني شهري ويزا لاءِ اپلائي ڪري سگهن ٿا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

لاڙڪاڻو: پريس ڪلب سامهون ڪارڪن شهيد محترمہ جي تصوير سامهون ميڻ بتيون ٻاريندي

نوشهروفيروز ۾ خوراڪ کاتي جي ملازمن جو ٽائيم اسڪيل، فوتي ڪوٽا تي عمل لاءِ احتجاج

فوڊ ايمپلائيز فيڊريشن سنڌ جي صدر جاويد يونس راڄپر، محمد گوپانگ پاران ريلي ڪڍي وئي

ڪوالفائيڊ چوڪيدارن، پٽيوالن، ڊرائيورن سميت ننڍن ملازمن کي پروموشن به نه پيا ڏنا وڃن: اڳواڻ

ننڍن ملازمن سان ناانصافي جي انتها آهي جڏهن ته آفيسرن خوراڪ کاتي کي جاگير بڻائي ڇڏيو آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) خوراڪ کاتي جي ملازمن جو ٽائيم اسڪيل فوتي ڪوٽا تي عمل ۽ ٻين چوڪيدارن کي سينارٽي موجب پروموشن ... ڪرڻ مطالبات احتجاج نوشهروفيروز گودام کان پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: خوراڪ کاتي جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنڊيارو قومي شاهراهه تي ڪوهيڙي جو راڄ، موٽروي پوليس پاران ڊرائيورن کي آگاهي

ڪنڊيارو (رپورٽ) ڪنڊيارو قومي شاهراهه تي ڪوهيڙي جو راڄ، موٽروي پوليس پاران ڊرائيورن کي آگاهي، ڪوهيڙي دوران غير ضروري سفر نه ڪرڻ ۽ ڪوهيڙي دوران گاڏيون احتياط سان هلائڻ جي هدايت خبر موجب ڪنڊيارو قومي شاهراهه تي شديد ڪوهيڙو ڇانيل جڏهن ته موٽروي پوليس جو ڊرائيورن کي آگاهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

اديب ۽ بيباڪ صحافي محمد عثمان راهوڪڙو جي پهرين ورسي ملهائي ويندي

ورسي تقريب ۾ نياز پنهور، ڊاڪٽر مشتاق قل، مدد علي سنڌي، حافظ نظاماڻي شريڪ ٿيندا

امير آزاد پنهور، زاهد اسحاق سومرو، خادم تالپر، نثار علواڻي، فراق هاليپوٽو ۽ ٻيا شريڪ ٿيندا

ٽنڊوباگو (رپورٽ:سهيل سمون) ناميارو محقق، اديب ۽ بيباڪ صحافي مرحوم محمد عثمان راهوڪڙو جي پهرين ورسي ... ڪلب ۾ شام جو 3 وڳي ملهائي ويندي، ورسي تقريب ۾ نياز پنهور، ڊاڪٽر مشتاق قل، مدد علي سنڌي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪماليرو پرسان پيري ٽائي جي حد ۾ ڪلهوڙا چانڊيا ۾ ٻن ڌرين ۾ تڪرار تان هڪ گرفتار

ايس ايڇ او غلام شبير شر ... اطلاع تي ڪاروائي ڪندي ... غلام رسول کي گرفتار ڪيو

چانڊيا برادري ۾ زميني جي برائي تڪرار تان فائرنگ ڪندي ... قتل ڪيو هو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڪماليرو پرسان پيري ٽائي جي حد ۾ ڪلهوڙا چانڊيا برادري ۾ زميني جي برائي تڪرار تان گذريل ڏينهن فائرنگ ... پيري جو رهواسي ڊاڪٽر منظور چانڊيو جو 13 سالا ٽينگر منصور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: پوليس جي ڪارروائي ۾ گرفتار جوابدار تحويل ۾ نظر اچي ٿو

ٽنڊو محمد خان صرافا ايسوسيئيشن جي چونڊن ۾ ڪامياب ٿيڻ جي لاءِ تقريب

ايسوسيئيشن ۾ بنا مقابلي چونڊجي آيل عهديدارن جي حلف برداري تقريب مقامي هال ۾ ٿي

چونڊيل صدر ارشد پنهور، سينئر نائب صدر لعل خان، نائب صدر حافظ فيصل گدي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

موٽرسائيڪل ايسوسيئيشن جي اڳواڻ ذوالفقار صبحپوٽو، مير عنايت تالپر سميت ٻين پاران مبارڪون

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ۾ بنا مقابلي چونڊجي آيل عهديدارن جي حلف برداري تقريب مقامي هال ۾ ٿي ... اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين نذير احمد ميمڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽنڊو محمد خان: صرافا ايسوسيئيشن جي چونڊ ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ عهديدارن جو گروپ فوٽو

ڪرنڊي سائيٽ سڄل سرمست
ڪالوني زمان چنا وٽ علائقي
واسين جي اهر گڏجاڻي

ڪرنڊي (رپورٽ) ڪرنڊي سائيٽ سڄل سرمست ڪالوني زمان چنا وٽ علائقي واسين جي اهر گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ميمڻ چنا خاصخيلي لغاري سيد پنهور ڪابورا پند ٻيهر ٻين ذاتين سان تعلق رکندڙ سڄل سرمست ڪالوني جي معزز رهواسين پاران شرڪت ڪئي وئي جنهن ۾ متفق راءِ ڪانپ، سڄل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

مورو لڳ ٻئين ميل قومي شاهراهه قلندري پيٽرول پمپ وٽ حادثو، 16 مسافر شديد زخمي

ڪوچ ڪلٽي ڪار ۽ ڪوچ مڪمل طور تي تباهه جنهن سبب 16 مسافر شديد زخمي ٿي پيا

زخمين ۾ نظام الدين ؛اعجاز ؛غلام حسين پرويز علي ؛ احمد ؛ منور علي ؛مدد علي شامل آهن

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مورو قومي شاهراهه تي جيئو فرحان ڪوچ ڪار سان ٽڪرائجي وئي 17 مسافرسخت زخمي مورو اسپتال داخل زخمين ۾ زاهد حسين صديقي گڏيجي،غلام حسين چنه ناروشاه،قمر الزمان پنهيرو، منور ڪورائي مورو، سميت 10 پنهنجوجو ڪرائي جا مشهور ڪلاڙي اشفاق پٺاڻ ۽ ٻيا شامل آهن، ڪوچ خيرپور کان ڪراچي وڃي رهي هئي ته حادثو پيش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

عوامي تحريڪ جي اڳواڻ پاران روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿيل نوجوان جي وارثن سان تعزيت

سراج هاليپوٽو جي مڙهه کي آلين اڪين سان ڳوٺ بچو هاليپوٽو ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

وسند ٿري، نور نبي پليجو راحيل پٽو، اسماعيل خاصخيلي، جاڪرو نوحاڻي ۽ ٻين تعزيت ڪئي

ٽنڊوباگو (رپورٽ:سهيل سمون) عوامي تحريڪ جي اڳواڻ سومار هاليپوٽو جي روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿيل نوجوان پٽ تازو ڪميشن جو امتحان پاس ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سائيٽ سپر هائيوي پوليس جي حد چاڪر هوٽل ڀرسان رينجرز جو ڦورو ٽولي سان مقابلو

پوليس سان مقابلي جي نتيجي ۾ هڪ ڦورو ٿڏي تي مارجي ويو ٻيو سخت زخمي ٿي پيو

ٻه طرفا مقابلي ۾ سنگين ڏوهن ۾ مطلوب بلال افغاني ٿڏي تي مارجي ويو، جاچ جاري آهي

ڪراچي (رپورٽ) سائيٽ سپر هائيوي پوليس جي حد چاڪر هوٽل ڀرسان رينجرس جو ڦورو ٽولي سان مقابلو،طرفان مقابلي جي نتيجي ۾ هڪ ڦورو ٿڏي تي مارجي ويو ٻيو سخت زخمي، زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، علائقي واسين موقعي تي پهچي رينجرس کي شاباسي ڏيئي رينجرس جي حق ۾ نعرا هنيا، تفصيل موجب سائيٽ سپر هائيوي پوليس جي حد چاڪر هوٽل ڀرسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گڏاپ ڪلب ڪراچي جي نئين سال جي اليڪشن بعد ساڃاهه وندن پاران مبارڪون

مسلم ن جي صوبائي نائب صدر غلام سور ٿنيو ۽ ٻين اڳواڻن پاران مبارڪون ڏنيون ويون

سماجي ڌرين جي پي سي تي پهچي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون

چيئرمين مير علي گوهر بلوچ. صدر سعيد احمد چانڊيو. نائب صدر جئيرام پڙهيار ۽ ٻين ٽورا مڃيا

گڏاپ (رپورٽ) گڏاپ ڪلب ڪراچي جي نئين سال جي اليڪشن بعد مختلف تنظيمن جي اڳواڻن سياسي سماجي شخصيتن علائقي جي معززن پاران آمد جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته مسلم ن جي صوبائي نائب صدر غلام سور ٿنيو پ پ ميناروڱ جي ڪنڊياري جي ڊاڪٽر نرسنگ ڪنول، پريم چهواڻ ۽ صحافتي ست جي سائي نواب علي ٻگهيو ۽ ٻين گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

گڏاپ: چونڊ ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ عهديدارن کي مبارڪون ڏنيون پيون وڃن

چوهڙجمالي پريس ڪلب جون
سال 2023 جون چونڊون، ساڃاهه
وندن پاران مبارڪون

چوهڙ جمالي (رپورٽ)چوهڙجمالي پريس ڪلب جون سال 2023 جون چونڊون پريس ڪلب جي سرپرست اعلي محمد اسماعيل ميمڻ جي نگراني ۾ ٿي گذريون ، جنهن ۾ ايندڙ هڪ سال لاءِ صدر : ناشاد ملاح نائب صدر : ڪوي خاصخيلي جنرل سيڪريٽري : قادر ڪيهر جوائنٽ سيڪريٽري : حبيب الله ميمڻ انفارميشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سپلا يونٽ ڊگري ڪاليج بوزدار وڍا جي اڳواڻن جي گڏجاڻي، امتحان جي بائيڪاٽ جو فيصلو

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي خميس سان شروع ٿيندڙ امتحان جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو ويو

امتحان ۾ ويٺل سوين شاگردن کي غير حاضر ڄاڻائي مستقبل تباهه ڪيو آهي: سپلا اڳواڻ نادر علي ڪيريو

ٽالپر وڍا (رپورٽ) سپلا يونٽ ڊگري ڪاليج بوزدار وڍا جي اڳواڻن جي گڏجاڻي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي 29 ڊسمبر کان شروع ٿيندڙ امتحان جي بائيڪاٽ جو فيصلو يونيورسٽي انتظاميا نااهلي جو مظاهرو ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

منظور آباد ۾ پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ خلاف ايس يو پي ڪارڪنن جو احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن پاران خالي ٽانو ڪٽي علامتي بک هڙتال، سياسي انتقامي ڪاروائي جو الزام

محمد ملوڪ ٿيٻو مدد علي سولنگي بلاول ٿيٻو گل پنهور گروندا ناڪر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) منظور آباد ۾ پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ خلاف ايس يو پي ڪارڪنن جي ٻئي ڏينهن به خالي ٽانو ڪٽي علامتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

مانجهند: پاڻي جي ڪوٽ خلاف ايس يو پي ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز پريس ڪلب اڳيان پوليس جي ٽيسٽ ڏيندڙن پاران احتجاجي مظاهرو

شهباز علي- طارق علي- صعيد احمد- اجب گل- ڪامران علي- منظر علي احتجاج ڪيو

ٽوٽل 4400 سو ويڪنٽ پوسٽ هيون ان ۾ 1500 سو اميدوار 40 مارڪون کڻي ڪامياب ٿيا

حيدر آباد 388 رينج جون 240 پوسٽ پيل آهن ته 33 کان 39 وارن کي آفر آرڊر ڏنا وڃن:مظاهرين

نوشهرو فيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهرو فيروز پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ امتياز چانڊيو عتيق الرحمان وسطڙو شعيب علي شهباز علي طارق علي صعيد احمد اجب گل ڪامران علي منظر علي سهيل احمد ڪاظر خان بابر علي سرمد علي ۽ ٻين ٻڌايو ته اسان 2019 ۾ حيدر آباد رينج 388 سنڌ پوليس جي لکت واري ٽيسٽ ڏني هئي جنهن ۾ ٽوٽل 4400 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهروفيروز: ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

وٽرنري ايسوسيئشن سنڌ لاڙ
ڊويزن پاران ڊاڪٽر نظير حسين
جي حمايت ۾ ريلي

ٺٽو (رپورٽ) پاڪستان وٽرنري ايسوسيئشن سنڌ لاڙ ڊويزن پاران ڊائريڪٽر جنرل (DG) لائيواسٽاڪ سنڌ ڊاڪٽر نظير حسين ڪلهوڙو پاران پوري سنڌ ۾ کاتي کي مضبوط ڪري کاتي اندر بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪرڻ تي ڪجهه عناصرن پاران سنڌن خلاف اجائي پروپيگنڊ ڪري سنڌس ساک کي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

بدين شهر جي اڪثر علائقن مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

عالي شاهه ڪوٽ واٽر سپلائي پاڙو ريلوي ڪالوني ملوڪ شاهه ڪوٽ ۽ ٻين علائقن ۾ آزار

رهائشي اسڪيمن ۾ برساتي پاڻي بيٺو آهي جنهن جي ڪري شهر مڇرستان بڻجي ويو آهي

اختيارين جي ڪرپشن ۽ نااهلي سبب شهر ۾ نه صفائي ٿئي ٿي نه وري مڇر مار اسپري ڪرايو ٿو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين شهر جي اڪثر علائقن مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ جي ڪري شهر ۾ مڇرن جو وڏو آزار پيدا ٿي ويو آهي شهر جي عالي شاهه ڪوٽ واٽر سپلائي پاڙو ريلوي ڪالوني ملوڪ شاهه ڪوٽ سانگهاڻي پاڙو حاجي عاشر خاصخيلي پاڙو ڪانسراءِ رهائشي اسڪيمن ۾ برساتي پاڻي بيٺلو آهي جنهن جي ڪري شهر مڇرستان بنجي ويو آهي شهر ۾ دڪانن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ميرپورخاص ۾ گلستان معذورين پاران قائد اعظم جي 146 هين سالگرهه

ويل چيئر ڪرڪيٽ ليگ مقابلي دوران ميرپورخاص هيروز فتح پنهنجي نالي ڪئي

انجنيئر نوشاد بدر، سول سوسائٽي ايڪٽر وسٽ موئڙ پاڪستاني سميت ٻين پڻ خطاب ڪيو

ميرپورخاص(رپورٽ) گلستان معذورين پاران قائد اعظم محمد علي جناح جي 146 هين سالگرهه جي موقع تي 8 ٽيمن جي وچ ۾ ٿيندڙ ڊبل وڪيٽ ويل چيئر ڪرڪيٽ ليگ مقابلي دوران ميرپورخاص هيروز فتح پنهنجي نالي ڪرڃڏي مرپورخاص 26 ڊسمبر 2022 تاريخ ۾ هميشه اهي قومون زنده رهيون آهن جن پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سنڌ ترقي پسند پارٽي غلام الله پاران ايس ٽي پي سربراهه جي سالگرهه ملهائي وئي

60 هين سالگره جي تقريب غلام الله ۾ ملهائي وئي ۽ ڪيڪ ڪاٽيو ويو. ڪارڪن شريڪ

صحافي ماما عبدالستار ميربحر صحافي غلام مصطفي ميربحر صحافي شهزاد ملاح شريڪ ٿيا

قادر مگسي سنڌ جي لوئي ۽ لڄ جو محافظ آهي، هميشه سنڌ جي جي حقن جي ڳالهه ڪئي: ڳالهيون

غلام الله (رپورٽ) سنڌ ترقي پسند پارٽي غلام الله پاران ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي جي 60هين سالگره جي تقريب غلام الله ۾ ملهائي وئي ۽ ڪيڪ ڪاٽيو ويو تقريب ۾ ايس ٽي پي يوسي غلام الله جي صدر عبدالرحمان عرف زمان ملاح، سنئير صحافي پيرل پياسي ملاح ،صحافي بابوجان هنگورجو صحافي ماما عبدالستار ميربحر، صحافي غلام مصطفي ميربحر، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي گلزار هجري اسڪيم 33 روينيو عملدارن لاءِ سوني ڪانڌ بڻيل، بااثر بلڊر سرگرم

اسڪيمون جوڙائي اربين روپين ماليت جي سرڪار زمينن کي تين وال ڪرڻ جو سلسلو برقرار

قبضو جو ڪيس داخل ڪرڻ تائين محدود سرڪاري زمين جي ڪابه وڏيڪ پوءِ واري نه ٿي ڪئي وڃي

33 اعجاز الحسن خان طرفان جاڻايل قبضي کي مڪمل طور ختم ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي وئي هئي

ڪراچي (رپورٽ) ڪراچي گلزار هجري اسڪيم 33 روينيو عملدارن لاءِ سوني ڪانڌ بڻيل اسڪيم 33 جي سرڪاري زمينن تي بلڊر مافيا ۽ روينيو عملدارن جي گٺ جوڙ سبب سرڪاري زمينن تي ڪمرشل توڙي رهائشي اسڪيمون جوڙائي اربين روپين ماليت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

جنگشاهي ۾ فشريز کاتي
پاران بينظير ڀٽو شهيد سينٽر
کولي ڏنا ويا

ٺٽو (رپورٽ)جنگشاهي ۾ فشريز کاتي سنڌ پاران بينظير ڀٽو شهيد هيومن ريسورس ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ پروجيڪٽ جي سهڪار سان يوسي جنگشاهي جي 6 ڳوٺن ڳوٺ ساڄن خان جوکيو. ڳوٺ محمد حسن پليجو. ڳوٺ علي محمد جوکيو. ڳوٺ شفيع محمد جوکيو. ڳوٺ اسحاق ڪوهه ۽ ڳوٺ مولو خاصخيلي ۾ فشريز کاتي سنڌ پاران مڃي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪراچي سپر هاءِ وي ڀرسان ويٺل برسات سڪندر علي سولنگي جون 2 گهرواريون گم

سڪندر علي گهرواريون حنا ۽ صبا ڳبول ٽائون ٿاڻي جي حد مان مبينه طور تي اغوا ٿي ويون

ڪار ۾ سوار نامعلوم ماڻهو منهنجي ٻنهي گهروارين کي اغوا ڪري کڻي ويا آهن: سڪندر علي

ڪراچي (رپورٽ) ڪراچي سپر هاءِ وي ڀرسان ويٺل برسات متاثر سڪندر علي سولنگي جون ٻه گهرواريون حنا ۽ صبا ڳبول ٽائون ٿاڻي جي حد مان مبينه طور تي اغوا ٿي ويون آهن ٻن نارين جي مبينه اغوا ۽ سنڌن جي بازيابيءَ لاءِ وارثن طرفان سڪندر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي: متاثر رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

ڪوسڪي جي اکين جي اسپتال طرفان گورنمنٽ بوائز پرائمري اسڪول ۾ ڪئمپ

پرائمري اسڪول ننڊو شهر ۾ هڪ روزه مفت اکين جي ڪئمپ منعقد ڪئي وئي

وائيس چيئرمين اياز علي ملاح ،نعيم اختر ميمڻ ، محمد خان پرڳڙي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

اکين جي ڪئمپ تي ڪم جي ذميواري سنڀاليندي ڊاڪٽرن جي آيل ٽيم جي مدد ڪئي ۽ مريضن جي لاءِ سهوليتن جو اهتمام ڪيو

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) ڪوسڪي جي اکين جي اسپتال جي طرفان گورنمنٽ بوائز پرائمري اسڪول ننڊو شهر ۾ هڪ روزه مفت اکين جي ڪئمپ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ننڊو ۽ آس پاس جي مختلف ڳوٺن مان 250 کان وڌيڪ مريضن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين: لڳايل اکين جي ڪيمپ ۾ مريض جو چڪاس ڪيو پيو وڃي

ٿرپارڪر ۾ اٽو مهانگو ٿيڻ
سبب غريب ماڻهو ماني لاءِ
محتاج ٿي ويا

مٺي (رپورٽ) ٿرپارڪر ۾ اٽو مهانگو ٿيڻ سبب غريب ماڻهو ماني لاءِ محتاج ٿرپارڪر جي هر شهر ۾ اٽو پنج هزار روپيي کان مٿي مڻ ملڻ لڳو مزور ۽ ٽيڪاري تاريخ وارن جو جيئڻ جنجهل ٿي پيو اهي غريب ماڻهن جو چوڻ آهي ت اسين تاريخ ڪري پنج سو ڪمايو تا ۾ مانگهائي جي ڪري خودڪشي ڪرڻ تي مجبور اهيون ٻار ٻچا بکيا ننا ڏسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

پ پ پ سنڌ جو جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهتو

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، بيگم نصرت ڀٽو ۽ ٻين شهيدن جي مزارن تي حاضري ڀري

عوام دشمن قوتن سان گڏ دهشتگرد به شهيد بي بي جي نالي کان به خوفزده هئا: ڳالهيون

ضلعي لاڙڪاڻي جو جنرل سيڪريٽري اعجاز احمد لغاري، معشوق علي جتوئي ۽ ٻيا گڏ هئا

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاد محمود ڀٽو) پ پ سنڌ جو جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهچي ويو. وقار مهدي پاران شهيد محترمه بينظير ڀٽو، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، بيگم نصرت ڀٽو ۽ ٻين شهيدن جي مزارن تي حاضري ڀريان دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي سينيٽر وقار مهدي جو چوڻ هيو ته شهيد بي بي پاڪستان نه پر پوري دنيا جي مجيل ۽ عظيم ليڊر هئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽون ديرو ۾ 2013 ۾ اين ٽي ايس ذريعي تعليم کاتي جي ٽيسٽ پاس اميدوارن جو احتجاج

حبيب سنڌي، مزمل شاهه، ذوالفقار ميراڻي، منصور مري، امداد ڪلهوڙو، مير غلام مرتضي' احتجاج ڪيو

عبدالقادر ميمڻ، ڪاشف ڪوڪر، پناهه ڀٽو، آفتاب چنو، عائشه ڏاهري، انيلا، شازيه، شبانه، زينت مظاهرو ڪيو

تعليم واري صوبائي وزير نثار کهڙو به اسان کي آسرو ڏنو ته اوهان کي تعليم کاتي ۾ آرڊر ڏنا ويندا:مظاهرين

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاد محمود ڀٽو) 2013 ۾ اين ٽي ايس ذريعي تعليم کاتي جي ٽيسٽ پاس اميدوارن جو ٺٽون ديرو هائوس ٻاهران احتجاج ڌرڻو احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ حبيب سنڌي، مزمل شاهه، ذوالفقار ميراڻي، منصور مري، امداد ڪلهوڙو، مير غلام مرتضيٰ سميجو، طاهر ميمڻ، عبدالقادر ميمڻ، ڪاشف ڪوڪر، پناهه ڀٽو، آفتاب چنو عائشه ڏاهري، انيلا، شازيه، شبانه، زينت، رخسانه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

عوامي تحريڪ جي اڳواڻ پاران روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿيل نوجوان جي وارثن سان تعزيت

سراج هاليپوٽو جي مڙهه کي آلين اڪين سان ڳوٺ بچو هاليپوٽو ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

وسند ٿري، نور نبي پليجو، راحيل ڀٽو، اسماعيل خاصخيلي، جاڪرو نوحاڻي ۽ ٻين تعزيت ڪئي

اظهار دائود پوٽو مهراڻ درس عاطف ملاح محمد علي ٽالپر سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن تعزيت ڪئي

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) عوامي تحريڪ جي اڳواڻ سومار هاليپوٽو جو فرزند گورنمينٽ ليڪچرار سراج هاليپوٽو ڳوٺ بچو هاليپوٽو لڳ ننڊو روڊ تي روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو هو ڪيس سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان مهر شاهه ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو سراج هاليپوٽو اردوءَ ۾ ايم اي ڪئي هئي ۽ تازو ڪميشن پاس ڪري 17 گريڊ ۾ ليڪچرار طور ڪوسڪي ڪاليج ۾ نوڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بدين: سراج هاليپوٽو جي مڙهه کي آخري آرامگاهه ڏانهن نيو پيو وڃي

شيخ ويلفيئر ٽرسٽ انٽرنيشنل
پاران ڪراچي ۾ وڌندڙ اسٽريٽ
ڪرائم بابت اجلاس

ڪورنگي (رپورٽ) شيخ ويلفيئر ٽرسٽ انٽرنيشنل پاران ڪراچي ۾ وڌندڙ اسٽريٽ ڪرائم بابت هڪ دانشورانه اجلاس منعقد ڪيو ويو وڌندڙ اسٽريٽ ڪرائم کي روڪڻ لاءِ هر باشعور انسان کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. شاهد معين هڪ طرف عوام جا ڏينهن تباهه ٿي رهيا آهن ٻئي طرف قانوني مدد نه ملڻ عوام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڀهاڙين ۾ ماڻهن کي صحت جون سهولتون مهيا ڪري رهيا آهيون: ڊي سي بدين

سيراڻي ۾ پڻ 24 ڪلاڪ صحت جون سهولتون ڏيڻ لاءِ ڊسپينسري کي اپ گريڊ ڪيو ويو آهي

13 ڊسپينسرين جو ڪم هلندڙ آهي اهي مڪمل ڪري پي پي ايڇ آئي جي حوالي ڪيون وينديون

پلاننگ حمل دوران سارا ۽ 8 بنيادي ٽيسٽون ٽي بي ڪاري سائي جون ٽيسٽون مفت ڪيون وڃن ٿيون

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنوازخان پي پي ايڇ آئي جي نگراني ۾ هلندڙ گورنمينٽ ڊسپينسري سيراڻي جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چيو آهي ته پي پي ايڇ آئي ضلعي بدين ۾ شهر توڙي ڀهاڙين جي ڏوراهن علائقن ۾ ماڻهن کي صحت جون مفت سهولتون مهيا ڪري رهي آهي هن چيو ته سامونڊي پٽي سيراڻي ۾ پڻ 24 ڪلاڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدين: ڊي سي آغا شاهنواز خان ۽ ٻيا اڳواڻ تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

ريتي جي ڳوٺ حاجي قيصر
خان گرگيج ۾ عظمت قرآن
ڪانفرس منعقد

ريتي (رپورٽ) مدرسه اشاعت القرآن حماديه ڳوٺ حاجي قيصرخان گرگيج ۾ ساليانو عظمت قرآن ڪانفرس دستار فضيلت ٿي گذري جنهن ۾ مهمان خاص حضرت مولانا طارق خالدمحمود سومرو حضرت مولانا محمدطاهر هاليجوي سميت مقامي علماءِ اڪرام شرڪت ڪري دين ۽ اسلام تي روشني وڌي ۽ ان موقعي تي خطاب دوران علماءُ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

اوباوڙو الائنس شگر مل ۾ قتل ٿيل نوجوان جي وارثن جو احتجاجي مظاهرو

جسقم جي سڏ تي ڪارڪنن ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي ڪارڪنن ريلي ڪڍي

ريلي ڪڍي پٽائي چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو ڪارڪنن مسلسل 3 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو ويو

صنعتي ادارن ۾ ماڻهن کي روزگار ڏين بدران مقامي ماڻهن کي لاش تحفي ۾ ڏنا پيا وڃن: اڳواڻ

گهوٽڪي (رپورٽ:لالچند موتواڻي) جسقم گهوٽڪي جي سڏ تي اوباوڙو الائنس شگر مل ۾ قتل ڪيل جنيد ملڪ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ زبردست ريلي سوين ماڻهو شريڪ. جسقم ڪارڪنن ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي ڪارڪنن ۽ شهرين ڊگري ڪاليج اوباوڙو کان ريلي ڪڍي پٽائي چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو ڪارڪنن مسلسل 3 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو ڌرڻي دوران ٽريفڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بلڙي شاهه ڪريم جي پچا برادري ۽ پرويز پٺاڻ ۾ زمين جي تڪرار وارو معامرو: ڌر جو احتجاج

ڄاڙا واهه جي رهواسي پرويز پٺاڻ پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم پهچي پريس ڪانفرنس ڪئي

پچا برادري جي بااثرن ۽ شرپسندن جي چوڻ تي اسان کي گهڻو پريشان ڪري ڇڏيو آهي: پرويز پٺاڻ

ماڻهون منهنجي ذاتي جريب زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي پليءِ ڪير به اعلي آفيسراچن وزٽ ڪن

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽ:فرضان علي رند) بلڙي شاهه ڪريم جي پچا برادري ۽ پرويز پٺاڻ ۾ هلندڙ زمين جي تڪرار وارو معامرو. بلڙي شاهه ڪريم لڳ ڄاڙا واهه جي رهواسي پرويز پٺاڻ پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو آهي ته پچا برادري جا ماڻهون اڪبر پچو ۽ قادر پچو لساني فساد ڦهلائڻ چاهين ٿا اسان سنڌ ۾ ڄاوا آهيون سنڌي آهيون ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي*** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اڱارو 27 ڊسمبر 2022ع

صحت کاتو ڪهڙي مرض جي دوا آهي؟

برساتي ٻوڏ کي ختم ٿئي تقريبن ڇهه مهينا ٿي ويا آهن پر ان جون تباهڪاريون ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ ٿيون وٺن بلڪہ نئين سج نيون تباهيون ظاهر ٿي رهيون آهن جيڪي موت بڻجي انهن ٻوڏ متاثر علائقن تي لامارا ڏئي رهيون آهن ۽ روز ڪيترين ئي حياتيون ان جو شڪار ٿي رهيون آهن.ايئن بہ ناهي تہ ڪو حڪمرانن يا لاڳاپيل انتظاميا کي انهن جي خبر يا اندازو ناهي، پر پرواهہ نہ هجڻ ڪري انهي موت کي ٽارڻ لاءِ اهي نہ ڪي بندوبست ڪري رهيا آهن ۽ نہ ئي انهن جي ڪا دلچسپي آهي،ڇاڪاڻ تہ شڪار اهو بي وس ،بي پهچ ۽ لاچار عوام آهي جنهن جي ووٽن يا ٽئڪس جي پئسن تي اهي وزير مشير يا ڪامورا پنهنجي آرامده ڪرسين ۽ سهولتن سان ڀرپور بنگلن ۾ سڪون سان گذاري رهيا آهن.سڌريل معاشرن ۾ هڪ انسان جي جان بچائڻ لاءِ سڄي مشينري حرڪت ۾ اچي ويندي آهي پر هتي تہ هڪ ڳوٺ ۾ يا هڪ خاندان ۾ 20 .20 جنازا ڪڄڻ ڪانپوءِ بہ نہ حڪمرانن جي هنيانءَ ڪي جهبو ٿو اچي نہ ئي وري لاڳاپيل انتظاميا کي ڪي شرم جا پورپون ٿا.ٻوڏ ڪانپوءِ جيڪو سڀ کان وڏو خطرو ڏيکاريو ويو هو تہ انهي برساتي ٻوڏ ۾ جيڪو جاني نقصان ٿيو آهي شايد بيماريون پکڙجڻ ڪري انهي کان بہ وڌيڪ جاني نقصان ٿئي تنهن ڪري صحت جي عالمي اداري جي هدايتن موجب صحت کاتو پنهنجي تياري ڪري تہ انهي کي ڪيئن منهن ڏجي، پر جيئن اسان جي ٻين کاتن جو حال ٻوڏ ظاهر ڪيو ايئن ئي صحت کاتي جي ڪارڪردگي ڪي بہ نروار ڪيو آهي اهليت هوندي بہ آهي عوام جي پرواهہ نہ هجڻ ڪري ڪجهہ بہ ڪرڻ جي فڪر ۾ ناهن جنهن ڪري اڃا تائين مختلف شهرن ۽ ڳوٺن مان اهي ئي موت جون خبرون اچي رهيون آهن جيڪي صحت کاتي جي لاپرواهي جو نتيجو آهن.

برساتي ٻوڏ ۾ جيڪو ضلعو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو اهو دادو ضلعو آهي جنهن جو هڪ تعلقي جوشهر ڪي اين شاهہ ٻيهر ٻڏي ويو جڏهن تہ ٻيو سڄو ضلعو بہ وڏن شهرن کي ڇڏي مڪمل طور پاڻي هيٺ هو.روڊ رستا بند ٿيڻ ڪري سڀ ڳوٺ شهرن کان ڪٽجي ويا جنهن ڪري اهي ٻين سهولتن سان گڏ صحت جي سهولتن کان بہ محروم ٿي ويا. روز ڪنهن نہ ڪنهن ڳوٺ مان ماڻهن جي مرڻ جون خبرون اينديون رهيون اها حالت تقريب هر ٻوڏ متاثر علائقي جي هئي پر ڪاڇي جو هڪ ڳوٺ بکر جمالي سڄي ميڊيا جي خبرن جو مرڪز رهيو جتي هڪ مهيني اندر 30 کان وڌيڪ فوتگيون ٿيون پر صحت کاتي جي ڪن تي جونءِ بہ نہ چري، رهندو انتظاميا اهو بيان جاري ڪري پنهنجي جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اهي فوتگيون مليريا جي ڪري نہ ٿيون آهن.جيڪڏهن انهن جو اهو موقف مڃي بہ وٺجي تہ اهي موت مليريا جي ڪري نہ ٿيا آهن تہ ڇا صحت کاتي جو ڪم رڳو مليريا جي مرض کان بچاءَ جون ڪوششون ڪرڻ آهي، ڇا انهن جو اهو ڪم ناهي تہ معلوم ڪن تہ اهي موت ڇو ٿي رهيا آهن ۽ پوءِ انهي کان بچاءَ لاءِ قدم کڻن.ڪالهہ وري هڪ خبر آئي آهي تہ انهي ساڳئي ڳوٺ ۾ هڪ ئي ڏينهن ۾ معصوم ڀاءُ ڀيڻ فوت ٿي ويا آهن ڇا صحت کاتو وري اهو بيان جاري ڪري چپ ٿي ويندو تہ اهي موت مليريا جي ڪري نہ ٿيا آهن؟

اسان سمجهون ٿا تہ اها انتهائي افسوس ۽ ڳڻتي جوڳي ڳالهہ آهي تہ صحت کاتي جي لاڳاپيل انتظاميا پنهنجي ذميواريون ادا ڪرڻ بدران سڄي سنڌ جي ماڻهن کي موت جي منهن ۾ اڪيلو ۽ بي وس ڇڏي ڏنو آهي، جڏهن تہ ڪاغذن ۾ وري ايتريون تہ موبائيل اسپتالون،طبي ڪيمپس ۽ سهولتون ڏيکاريل هونديون جن جو زمين تي وجود ئي ناهي، هي فوتگيون قدرتي نہ آهن اهي قتل آهن جيڪي صحت کاتي جي لاپرواهي ۽ پنهنجون ذميواريون ادا نہ ڪرڻ سبب ٿيا آهن.تنهن ڪري سنڌ سرڪار اکيون کولي انهن ڪامورن خلاف ڪارروائي ڪري جن جي لاپرواهي سبب اهي موت ٿيا آهن ۽ اڃا بہ ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن سرڪار ڪارروائي نہ ڪئي تہ ڪامورا تہ پنهنجي نوڪري ڪري هليا ويندا عوام ناراض انهن وزيرن مشيرن تي ٿيندو جن کي ووٽ ڏئي هو اقتدار تائين پهچائين ٿا.

ماروي ملير جي

شرجيل انعام ميمڻ

محترمہ بينظير ڀٽو 8 سال جبري جلاوطني جي بعد 18 آڪٽوبر 2007ع تي وطن واپس پهچي تہ ڪراچي ۾ عوام جو سمنڊ اچي ويو هو. ان ڏينهن ماڻهن ۾ هڪ نعرو سڀ کان وڌيڪ بلند ٿي رهيو هو. اهو نعرو هو"ماروي ملير جي بينظير، بي نظير بينظير" هي نعرو ماڻهن جو پنهنجو تخليق ڪيل هو. پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ماڻهن سان محبت جي وجہ سان ماڻهن ئي شهيد بي بي کي ملير (ملير) جي ماروي جو خطاب ڏنو هو.

ماروي سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ شاعري جو اهو ڪردار آهي، جيڪو وطن ۽ وطن جي ماڻهن سان محبت جو استعارو آهي. هي ڪرداري ڪنهن ٻي ٻولي ۾ نہ آهي. سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتي سان محبت جو اظهار ماروي جي زبان ۾ ڪندا آهن. ٿر جي غريب خاندان جي ماروي پنهنجي وطن ۽ پنهنجي ماڻهن ۾ واپس وڃڻ لاءِ بادشاهہ عمر سومرو جي محلات ۾ عيش ۽ آرام جي زندگي ٺڪرائي ڇڏيو هئي. سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عمر ۽ ماروي جي داستان کي سر ماروي ۾ بيان ڪيو آهي. سنڌ جا ماڻهو حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو هي بيت مستي ۽ سرشاري ۾ ڌهرايا آهن، جنهن ۾ ماروي بادشاهہ عمر سومرو سان مخاطب ٿيندي آهي تہ "مان جيڪڏهن پنهنجي ديس ملهير کان پري تنهنجي ديس ۾ مري وڃان تہ اي عمر ڪوٽ جا بادشاهہ منهنجو لاش ملهير موڪلي ڇڏ. جيڪڏهن منهنجي لاش ملهير پهچي وئي تہ مان سمجهي ويندم تہ مون کي نئون جنم ملي ويو.

وطن سان محبت جو استعارو ماروي جي بعد هاڻي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو آهي. هو صرف سنڌي ٻولي جو ئي نہ بلڪي پاڪستان ۾ ٻولي ڳالهائڻ واري هر ٻولي جي شاعري جو اهو ڪردار بڻجي وئي آهي، جنهن جي ذريعي وطن سان محبت جو اظهار ڪيو ويندو. شهيد بي بي پاڻ بادشاهن جي خاندان سان واسطو رکندي هئي. هو سوني جو چمچو منهن ۾ وٺي ڪري پيدا ٿي هئي. هن پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ماڻهن جي لاءِ جان قربان ڪري ڇڏي. شهيد بي بي حب وطن واپس اچي رهي هئي تہ ڪين صرف اندازو ئي نہ بلڪہ يقين هو تہ ڪين قتل ڪيو ويندو. جڏهن 18 ۽ 19 آڪٽوبر 2007ع جي رات جو ان جي استقبال ڪنڌڙ ميڙ ۾ ان جي ٽرڪ جي سامهون بم ڌماڪا ٿيا، جنهن ۾ 2 سو کان وڌيڪ ڪارڪن شهيد ٿيا تہ اهو يقين ۽ پختو ٿي ويو تہ پاڪستان ۽ عوام دشمنن قوتون ڪين هر حال ۾ قتل ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪيون آهن. ايتري وڏي سانحي جي بعد 19 آڪٽوبر تي بلاول هائوس ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس جي دوران جڏهن ان کان پڇيو ويو تہ "ڇا توهان هاڻي بہ پاڪستان ۾ رهي ڪري انتخابي مهم هلائيندو؟" تہ شهيد بي بي ڪنهن بغير وقفي جي گرجدار آواز ۾ چيو تہ "اهي ماڻهو بہ اهوئي چاهن ٿا تہ مان انتخابي مهم نہ هلايان ۽ واپس هلي وڃان. اهي ماڻهو چاهن ٿا تہ ملڪ ۾ حيقيقي جمهوريت بحال نہ ٿئي پر هاڻي جيڪڏهن جمهوريت بحال نہ ٿي تہ پاڪستان لاءِ خطرا وڌي ويندا. مان پنهنجن ماڻهن سان گڏ رهندم. "اهڙي قدر بهادري ۽ دليري جي تاريخ ۾ ڪوئي مثال ناهي ملندي. 18 آڪٽوبر سانحي جي بعد هر جلسي عام کي خطاب ڪندي شهيد بي بي هي جملو ضرور چيو تہ "اسان جو جيئڻ ۽ مرڻ ماڻهن سان گڏ آهي. "27 ڊسمبر 2007ع تي هن ماڻهن جي درميان پنهنجي زندگي جي آخري سانس ورتي ۽ شهيد ٿي وئي.

شعوري طور تي موت کي قبول ڪرڻ ڪوئي آسان ڪم نہ آهي. هي اهي ماڻهو ڪري سگهن ٿا، جيڪي مٽي جي خوشبو کي محسوس ڪري سگهندا آهن. پنهنجي ڪتاب" مفاهمت" ۾ هڪ جڳهہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو لکي ٿي تہ " مان پنهنجي والد جي گرفتاري، قيد ۽ قتل جو عذاب برداشت ڪيو هو ۽ خبر هئي تہ روح جي اهڙا زخم ڪڏهن بہ ناهن ڀريا ويندا. پنهنجي والد جي موت تي جيڪي تڪليف مون برداشت ڪئي، ان سان پنهنجي ٻارن کي بچائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪري سگهان پئي. مان پنهنجي ماڻهن کي نٿي ڇڏي سگهان. "شهيد بي بي کي پنهنجي ٻارن سان محبت هئي. هو پنهنجي موت کان پنهنجي ٻارن کي ان تڪليف ۾ نہ وجهڻ چاهي پئي. جنهن تڪليف کان هو پنهنجي والد شهيد ڀٽو جي موت کان تڪليف جو شڪار ٿي. پر شهيد بي بي پنهنجي اولاد کي بہ وڌيڪ پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجن ماڻهن سان محبت جو اهو ثبوت ڏنو تہ تاريخ ۾ هر وطن پرست ۽ عوام دوست ان تي فخر ڪندو رهندو.

تلگو ٻولي جي عظيم شاعر ششدر شرما وطن ۽ ماڻهن سان محبت جي فلسفي کي هڪ وڏي نظم ۾ بيان ڪيو آهي. ان نظم جو اردو ترجمو" منهنجي ڌرتي منهنجا ماڻهو" جي عنوان سان ڪيو ويو آهي. اهوئي نظم شهيد محترمہ بي نظير ڀٽو جي سوچ ۽ فلسفي جو بهترين اظهار آهي. شهيد بي بي پاڻ بہ انگريزي ۾ هڪ وڏو نظم لکيو، جنهن جو هڪ مصرعو هي آهي. مان بہ هڪ ماروي آهيان پنهنجن ماڻهن جي . "شهيد بي بي جو ملڪ ملير پوري وادي سنڌ آهي، ان جو ملڪ ملير سنڌ بہ آهي، پنجاب، خيبرپختونخواهہ ۽ بلوچستان بہ آهي، گلگت بلتستان ۽ ڪشمير بہ آهي. اها وجہ آهي تہ 18 آڪٽوبر 2007ع تي پوري پاڪستان کان آيل هر ٻولي جي ماڻهن هڪ ئي نعرو لڳائي رهيا هئا." ماروي ملهير جي۔ بينظير بينظير." يعني ماروي ملهيرجي، بينظير بي نظير. هي ماروي ئي ٻڌائي سگهي ٿي تہ مٽي جي محبت ۾ سڀ ڪجهہ ڪيئن قربان ڪيو ويندو آهي. مٽي مان هي اها محبت نہ آهي، جنهن کي نام نهاد "محب وطن تحريڪ" هلائڻ وارن جي سوچ هوندي آهي. ماروي ۽ ملهير جو تعلق آهي، اهڙي طرح بي نظير ۽ پاڪستان جو رشتو آهي. پورو پاڪستان ملهير آهي ۽ بي نظيران جي ماروي آهي. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو پاڪستان جي هر زبان ۾ ڌرتي ۽ ماڻهن سان محبت جو استعاره آهي. هو نہ صرف ادب ۽ شاعري جو عظيم ڪردار آهي بلڪي پاڪستان جي تاريخ جو فخر آهي.

گهنگهريا گهڻَ ڇانءَ، موڙهي مَتِ مَهائِيين؛
وِيا گڏجي وِير ۾، پِيا مُنهِن مَهراڻِ؛
اڳيان پويان ٽاڻَ، وِيا ويچارَنِ وِسري.

سرمد سنڌي جو آواز اڄ بہ گونجي ٿو

غلام محمد ڀٽي

سرمد سنڌي قومي گيتن جو هيرو هيو. جنهن سدائين انقلابي توڙي پڙاڏي جي آواز ۾ بي انتها گيت ڳائي عوام جي ستل ضميرن کي جاڳائي پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ ڪرائي ويو آهي. جنهن جي پڙاڏي وارا ڳايل گيت اڄ سنڌ توڙي دنيا ۾ گونجي رهيا آهن. جنهن ۾ 1۔ ڪات منهنجي ڪنڌ تي، 2۔ هي سنڌ جي جيڪا ڌرتي آ. 3۔هن سنڌ وارن جي پارت ٿئي، 4۔وڻي هر هر جنم وربو. 5۔ڏاڍو ساريندين منهنجي مئي ڪانپوءِ. 6۔منهنجي معصوم ٻچڙن جي سار لهجو 7۔نيڻن جا ڪڪر برسيا هوندئي. 8۔تنهنجي ياد جي وري آوير. 9۔اسان کي سهڻا وساري نہ ڇڏجو 10۔اوسيڙي ۽ سارِم. سچ لهي ويو آ. 11۔توکان ٿيندي ڏار. 12۔سنڌ جي ڳاڙهي جهنڊي وانگي. سميت ٻيا ڪيترائي گيت ڳائي پاڻ مڃائي امر بڻجي ويو آهي. جيڪو اسان کان جسماني طور اسان کان جدا آهي پر روحاني طور گڏ آهي. جيڪو ڪنهن حادثي ۾ 27/ڊسمبر 1996 کان هميشہ جدا ٿي ويو آهي. جنهن جو اصل نالو عبدالرحمان مغل جيڪو خيرپور جي ڳوٺ پريالو ۾ جنم ورتائين. جنهن کي ڳائڻ جو شوق ننڍپڻ کان ئي هوندو هيو. جيڪو سنڌ جي درد سان گڏ ماروئڙن جا گيت ڳائي وڏي شهرت ماڻي چڪو هيو اهو اڄ بہ پنهنجي محنت محبت پيار سان توڙي فن جي حوالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. جنهن جي هڪ انقلابي گيتن سان سڃاڻپ آهي. جنهن جا گيت ايوانن توڙي جهرجهنگ ۾ گونجي رهيا آهن. جيڪو سنڌ ۽ سيد سنڌي ماڻهن جو سچو عاشق هيو. اهو ئي اعظيم آدرشي انسان هيو جيڪو اڄ بہ اسانجي دلين ۾ فن ذريعي زنده آهي. جيڪو سڄي حياتي پنهنجي فن کي ارپي ويو آهي. جيڪو فن سان گڏ محبتي انسان هيو جنهن کي اسان ڪڏهن بہ وساري نٿا سگهون. اڄ بہ اسان جي دلين تي راڄ ڪندو رهي ٿو ۽ جڏهن تہ سرمد سنڌي ٻولي ڪلچر ثقافت کي اجاگر ڪري سنڌي ٻولي کي گيتن ذريعي اجاگر ڪري ويو آهي. جنهن کي سلام پيش ڪريون ٿا. جيڪو فن سان گڏ گهڻ رخي شخصيت هيو جڏهن تہ اهڙي عظيم انسان سرمد سنڌي جي ٿيل فني خدمتن لاءِ مون وٽ لفظ ناهن جو مان ان کي ڀيٽا ڏئي سگهان. جنهن جي جيتري تعريف ڪريان اها گهٽ آهي. جئين تہ استاد بخاري چوي ٿو.

جو قوم جيئاري اهو جيئندي رهندو.
جو عام اجاري اهو جيئندي رهندو.
مونکي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آهي.
جو سنڌ سنواري اهو جيئندو رهندو.

بقايا 01 ***

آهي تہ سياستدان معاملن کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ وٺن. هن چيو تہ اوهان سياستدان اهڙيون حالتون پيدا ڪريو جو اوهان کي فوج طرف نہ ڇڪڻ پوي. عارف علوي چيو تہ باجوه عمران خان جي سينيٽ ۽ عام چونڊن ۾ مدد ڪئي. نئين شروعات لاءِ ماضي کي وساري ڇڏيو ۽ سمورن کي معاف ڪريو. اصل ۾ پريشان تہ عمران خان کي ٿيڻ گهرجي. چونڊون اپريل يا مئي ۾ ڪرايون وڃن هن وڌيڪ چيو تہ ٽيب جي معاملن ۾ تمام گهڻي مداخلت ڪئي وئي. ملڪ ۾ ڪنهن کي بہ صرف الزام جي بنياد تي جيل ۾ وجهڻ نهايت ئي آسان آهي. ادارن ۽ عدليہ جو ڪردار ادا ناهي ڪيس پاڪستاني قوم 30 سالن دوران گڏ رهڻ سکي ورتو آهي. پارٽ کي بلاول طرفان سلو جواب ڏنو وين. صدر چيو تہ ملڪ هن وقت ڏکئي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. اسان کي گهرجي تہ هڪ نئين شروعات لاءِ ماضي کي وساري ڇڏيون ۽ ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏيون. اسان کي هڪ اهڙو ملڪ گهرجي جنهن جا اسان مستحق آهيون. هن ڏک جو اظهار ڪندي چيو تہ ادارن پنهنجو ڪردار ادا نہ ڪيو اسٽائين جو عدليہ بہ ڪردار ادا نہ ڪري سگهي. اڄڪلهہ ملڪ ۾ هڪ ٽرينڊ هلي رهيو آهي جيڪڏهن ڪنهن شخص کي حدف بڻائڻو هوندو آهي تہ ان تي ڪوبہ الزام لڳائي ڪيس جيل ۾ وڌو ويندو آهي. صدر ريڪوڊڪ ڪيس جو حوالو ڏيندي چيو تہ عدالتن آمرن کي آئين ۾ تبديلي جي اجازت ڏيڻ لاءِ فيصلا ٻڌايا. هن ريڪوڊڪ جو حوالو ڏنو جنهن سبب پاڪستان کي 7 ارب ڊالرز جو ڏنڊ ادا ڪرڻو پيو عمران خان ۽ جنرل باجوه جا لاڳاپا ڪڏهن خراب ٿيا تہ ان سوال جو جواب گولي رهيو آهيان.

بقايا 02 ***

پنهنجن مقصدن ۾ ڪاميابي ملي. هن چيو تہ پي ڊي ايم پنهنجو مقصد حاصل ڪري ورتو. انهن چاهيو ٿي تہ اهو معاملو دير جو شڪار ٿئي. پنجاب جي گورنر جو حڪم غير آئيني آهي. اهڙي طرح تہ ڪابہ حڪومت نہ بچندي. اعتزاز احسن چيو تہ حڪمرانن جو احتساب ٿيڻ ضروري آهي. حڪمران ملڪ جون حالتون سڌارڻ لاءِ قدم کڻن. ملڪ ۾ دهشتگردي جي نئين لهر اچي وئي آهي. حڪمران صرف اسيمبليون ٽوڙڻ ۾ رڌل آهن ڪين ملڪ جي صورتحال بابت فڪر ٿيڻ گهرجي. ٻوڏ بابت ڳالهيون ڪندي اعتزاز احسن چيو تہ عمران خان سميت سمورن سياسي اڳواڻ کي عوام تائين فنڊ پهچائڻ گهرجن. ٻوڏ متاثرين بي يارو مددگار خيمن جي اوسيڙي ۾ آهن. سمورين پارٽين کي ملي ٻوڏ متاثرين جي مدد ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو تہ سيارو شروع ٿيڻ سان ئي سنڌ ۽ بلوچستان جا ٻوڏ متاثرين مشڪل صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن. ٻڌايو پيو وڃي تہ جيڪي خيما آيا آهن انهن کي جلسن لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي شهباز شريف ۽ عمران خان کي ٻوڏ متاثرين وٽ وڃڻ گهرجي.

بقايا 03 ***

۾ اهو رت ناهي. جيڪو ڏکيائين جي ٻاهہ جي تيک سان ميڻ جيان ڳري وڃي پر اهڙي جبر جي حالتن مان گذري اسان مضبوط بڻجي ويندا آهيون. محترمہ بينظير ڀٽو اسان کي اهو ئي سيکاريو آهي. سندس چوڻ هو تہ جمهوريت جو تسلسل محترمہ بينظير ڀٽو جو خوبصورت خواب هو ۽ سندس خواب پورو ڪري ڇڏيو آهي. موجوده اسيمبليون پنهنجو مدو پورو ڪنديون ۽ ملڪ مضبوط ۽ پائيدار جمهوريت جي رستي تي هوندو. آصف زرداري چيو تہ ادارن طرفان سياست کان لاتعلقي ۽ رڳو آئين تي عمل ڪرڻ جو اعلان بہ محترمہ بينظير ڀٽو شهيد جي خواب جي تعبير آهي. ان سان جمهوريت کي استحڪام ملندو ۽ ملڪ جي شاندار ساک قائم ٿيندي. هن چيو تہ اسان پنهنجو ملڪ جنت بڻائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون. هر قسم جي شدت پسندي کان پاڪ معاشرو چاهيون ٿا، جتي علم جي روشني هجي، عوام کي روزگار ملي، نوجوانن کي اڳتي وڌڻ جا

موقعا ملن. عورتون خوف کان آزاد هجن. اسان شهيد محترمہ جو اهو خواب ضرور پورو ڪنداسين. آصف زرداري چيو تہ ادارن طرفان سياست کان لاتعلقي ۽ رڳو آئين تي عمل ڪرڻ جو اعلان بہ محترمہ بينظير ڀٽو شهيد جي خواب جي تعبير آهي. ان سان جمهوريت کي استحڪام ملندو ۽ ملڪ جي شاندار ساک قائم ٿيندي. هن چيو تہ اسان پنهنجو ملڪ جنت بڻائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون. هر قسم جي شدت پسندي کان پاڪ معاشرو چاهيون ٿا، جتي علم جي روشني هجي، عوام کي روزگار ملي، نوجوانن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا ملن. عورتون خوف کان آزاد هجن. اسان شهيد محترمہ جو اهو خواب ضرور پورو ڪنداسين.

بقايا 04 ***

ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت ڀارن ڳهرو ڪاٽي. پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن گم ٿيل ماڻهن بابت جوڳا قدم کڻڻ جو حڪم بہ ڏنو آهي. عدالت 6 هفتن اندر پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان اڳيرائي واري رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي . پوليس رپورٽ موجب گلزار هجري ٿائي جي حد مان گم ٿيل شهري ياسين اڄان تائين بازياب نہ ٿيو آهي . پوليس ڀارن پيش ڪيل رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي تہ زمان ٿائون مان گم ٿيل ناري پسند جو ڀرٽو ڪري ڇڏيو آهي .عدالت زمان ٿائون مان گم ٿيل ناري پسند جو ڀرٽو ڪرڻ بعد واري رپورٽ اچڻ تي سندس بازيابي واري درخواست رد ڪري ڇڏي آهي .عدالت زمان ٿائون مان گم ٿيل شهري شاڪر جي بازيابي بابت ڀيروي نہ ڪرڻ تي عدالت سندس داخل درخواست رد ڪري ڇڏي آهي .

بقايا 05 ***

شڪ ناهي تہ ڪيترائي چيلينج هئا ۽ پوءِ ٻوڏ تباهي آندي. خاطري ٿو ڪرايان تہ جيستائين ٻوڏ متاثر پنهنجي گهرن ۾ واپس نٿا وڃن سک سان نہ ويهنداسين. هن چيو تہ گذريل حڪومت پاڪستاني معيشت جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو. عمران خان پاڪستان جي عزت خاڪ ۾ ملائي، پاڪستان جي جيتري بي توقيري گذريل حڪومت ڪئي، اڄ تائين ڪنهن نہ ڪئي. سندس چوڻ هو تہ دهشتگردي جي واقعن جي روڪٿام ۽ ان ناسور کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ گڏيل اجلاس گهرائي رهيو آهيان ۽ سمورا وسيلا استعمال ڪندي دهشتگردي جو مقابلو ڪنداسين تہ جيئن پاڪستان ۾ ٻيهر امن قائم ٿئي. ٻيرا اسماعيل خان ۾ مختلف ترقياتي منصوبن جي پيڙهہ جو پٿر رکڻ کانپوءِ تقريب سان خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڪيترائي چيلينج هئا ۽ پوءِ ٻوڏ تباهي آندي. خاطري ٿو ڪرايان تہ جيستائين ٻوڏ متاثر پنهنجي گهرن ۾ واپس نٿا وڃن سک سان نہ ويهنداسين. هن چيو تہ گذريل حڪومت پاڪستاني معيشت جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو. عمران خان پاڪستان جي عزت خاڪ ۾ ملائي، پاڪستان جي جيتري بي توقيري گذريل حڪومت ڪئي، اڄ تائين ڪنهن نہ ڪئي. سندس چوڻ هو تہ دهشتگردي جي واقعن جي روڪٿام ۽ ان ناسور کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ گڏيل اجلاس گهرائي رهيو آهيان ۽ سمورا وسيلا استعمال ڪندي دهشتگردي جو مقابلو ڪنداسين تہ جيئن پاڪستان ۾ ٻيهر امن قائم ٿئي.

بقايا 06 ***

آهي. اختيارين موجب ڪئناڊا جي اولهندي صوبي برٽش ڪولمبيا جي شهر ميرٽ ۾ هڪ مسافر بس برفيلي روڊ تي ترڪڻ سبب حادثي جو شڪار ٿي وئي جنهن جي نتيجي ۾ چار مسافر حياتيون وڃائي ويٺا آهن. آمريڪي اختيارن جو چوڻ آهي تہ شديد برفاني طوفان ۽ انتهائي سنئي گرمي پد سبب اٽڪل ست ڄڻن جا لاش گاڏين مان مليا آهن. طوفان سبب ورمونٽ، اوهائيو، ميسوري، وسڪونسن، ڪنساس ۽ ڪولوراڊو ۾ بہ فوتگيون ٿيون آهن. انڪانساءِ منسوٽا رياست، واسڪونسن ۽ مشيگن ۾ بہ تمام گهڻي برفباري ٿي آهي.

اولهندي رياست مونٽانا ۾ هن وقت سخت ٿڌ آهي ۽ اتي گرمي پد ڪاٿو 50 ڊگري سينٽي گريڊ تائين ڪري چڪو آهي جڏهن تہ ڪئناڊا جو صوبي اونٽاريو ڪيوبڪ بہ برفاني طوفان سبب سخت متاثر ٿيو آهي.

بقايا 07 ***

۽ 22 اختياريون موڪلون هونديون. تفصيلن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ 5 فيبروري تي ڪشمير ڏهاڙي، 23 مارچ تي يوم پاڪستان، پهرين مئي تي مزدور ڏهاڙي، 22 کان 24 اپريل عيدالفطر، 29، 30 جون ۽ پهرين جولاءِ عيدالاضحيٰ، 27 ۽ 28 جولاءِ عاشوري جون، 14 آگسٽ تي آزادي ڏهاڙي، 28 آگسٽ تي عيد ميلادالنبي ص، 9 نومبر تي اقبال ڏهاڙي، 25 ڊسمبر تي قائداعظم ڏهاڙي ۽ ڪرسمس، 26 ڊسمبر تي عيسائي ملازمن لاءِ ڪرسمس ڪانپوءِ عام موڪل هوندي. ڪابينا ڊويزن طرفان جاري ڪيل پڌرائي ۾ چيو ويو آهي تہ سال 2023 لاءِ اسلامي موڪلون امڪاني تاريخ جي حساب سان طئي ڪيون ويون آهن. چنڊ نظر اچڻ جي حساب سان موڪلن جو الڳ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويندو پڌرائي ۾ موجب سال 2023 ۾ 16 عام موڪلن مان بہ آچر ڏينهن هونديون، 2 جنوري، 22 مارچ ۽ 3 جولاءِ تي بئنڪن ۾ موڪل هوندي، مسلم حڪومتي ملازمن کي سال ۾ هڪ کان وڌيڪ آپشنل موڪل نہ ملندي، جڏهن تہ غير مسلمن کي سال ۾ 3 کان وڌيڪ آپشنل موڪلون نہ ملنديون.

بقايا 08 ***

عمران خان اڄڪلهہ اڳوڻي آرمي چيف تي حڪومت خلاف سازش جا الزام هڻي رهيو آهي ۽ ان جو صدر چئي رهيو آهي تہ اڳوڻي آرمي چيف سينيٽ ۽ عام چونڊن ۾ مدد ڪئي. هن چيو تہ دير سان ئي پر عارف علوي جو اعتراف ڪري ورتو عمران خان سليڪٽڊ هو. پي ٽي آءِ کي ان تي وضاحت ڏيڻ گهرجي. بلاول ڀٽو پهريان ڏينهن ئي اسيمبلي فلور تي چيو هو تہ هي سليڪٽڊ وزيراعظم آهي. سندس چوڻ هو تہ عمران خان هڪ پاسي اسٽيبلشمينٽ تي الزام هڻي رهيو آهي ۽ ٻئي پاسي انهن کي سياسي، انتظامي ڪردار ادا ڪرڻ جو چئي رهيو آهي. هو ادارن کي سياسي ۽ انتظامي معاملن ۾ مداخلت تي اڪسائي رهيو آهي.

بقايا 09 ***

ڪان اهو سلسلو جاري نہ رهڻ گهرجي. صدر عارف علوي خطاب ۾ وڌيڪ چيو تہ نئين آرمي چيف سان فوج جي اڻ ڊريو رهڻ بابت ڳالهہ ٻولهہ بہ ٿي صدر عارف علوي خطاب دوران دلچسپ قصو ٻڌائيندي چيو تہ جڏهن جماعت اسلامي ۾ هيس تہ پارٽي اميدوارن کي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ وقت شراب پيئڻ يا نہ پيئڻ واري سوال جو جواب ڏيڻو پوندو هو هڪ اميدوار جواب ۾ چيو هو تہ بہ هفتا اڳ پيئڻ ڇڏيو آهي مون اهو واقعو وردي ۽ وارن دوستن کي ٻڌايو. هنن کي چيو تہ توهان ڪالهہ يا پرينءَ ڇڏي آهي منهنجي اها ڳالهہ ٻڌي سڀ کلڻ لڳا، مون اهي سڀ ڳالهيون آرمي چيف سان شيئر ڪيون آهن. صدر عارف علوي چيو تہ جيڪڏهن فوج سياست ڇڏي آهي تہ سياستدان معاملن جو ڪنٽرول سنڀالين

بقايا 10 ***

جي معيشت مشڪل دور مان گذري رهي آهي، ڇاڪاڻ تہ عمران خان پنهنجي ذات جي عشق ۾ اهڙا بيان ڏيندو رهيو جنهن سان پاڪستان کي نقصان ٿئي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار هن سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو. هن چيو تہ پاڪستان دنيا ۾ توانائي جي موجوده بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ گذريل چئن سالن ۾ پاڪستان ۾ معاشي دهشتگردي ڪئي وئي. اسان سڀ عمران خان جي معاشي پاليسي، جو شڪار آهيون. پاڪستان ۾ بدقالت جي پوزيشن ۾ هو ۽ اڄ بہ عمران خان جي ڪري ملڪي معيشت مشڪل وقت مان گذري رهي آهي. هن چيو تہ اسان کي متحد ٿيڻ بدران متحد ٿي انهن مسئلن کي منهن ڏيڻ گهرجي ۽ پنهنجي پاليسين ۽ اعلانن سان سياسي افراتفري جي صورتحال کي ختم ڪرڻ گهرجي چو تہ جڏهن سياسي استحڪام هوندو تہ معاشي استحڪام ايندو. جڏهن پاڪستان ۾ ڪا بہ سيڙپڪاري نہ ٿيندي تہ اها خوشي جي ڳالهہ ناهي. هن وڌيڪ چيو تہ عمران خان کي گهڻ جا ذخيرا گڏ ڪرڻ گهرجن ها ۽ جڏهن ايل اين جي قيمت تمام گهٽ هئي تہ عمران خان جي حڪومت ايل اين جي خريد نہ ڪئي. هن چيو تہ اپريل کان بڌي رهيا آهيون تہ عمران خان اسيمبليون ٽوڙي ڇڏيندو اسيمبلي ٽوڙائي آهي تہ ٽوڙي ڇڏيو هائي ڊسمبر ۾ بار بار ڏيڻ ٿا تہ ڊسمبر ۾ اعلان ڪرڻ وارا آهيون. پر پوءِ بہ تاريخ ڏئي وٺي ۽ اهي عدالت ۾ اچي حلف نامو ڏئي رهيا آهن تہ اسيمبليون ٽوڙڻ نہ ڏينداسين ۽ ڪي پي جي وزير اعظم ۽ وزير پنهنجي ماڻهن جي بدران لاهور ۾ عمران خان جي گهر ٻاهران گارڊ بيٺو آهي. هن چيو تہ عمران خان ملڪ ۾ سياسي استحڪام نٿو چاهي. ڪيس رڳو اقتدار ۾ دلچسپي آهي. جڏهن تہ ادارا مضبوط هوندا تہ پاڪستان مضبوط ٿيندو. هن چيو تہ ٻوڏ واري صورتحال ۾ وزيراعظم

۽ پرڏيهي وزير عوام سان گڏ رهيا. جڏهن تہ عمران خان ٽيلي ٿون ذريعي پئسا گڏ ڪيا. هاڻي عوام پڇي رهيو آهي تہ اهو پيسو ڪٿي آهي؟ هنن کي خبر ناهي تہ هو شوڪت خانم اسپتال لاءِ جيڪي پئسا گهرن ٿا اهو ڪيڏانهن وڃن ٿا. ان جي برعڪس بلاول ڀٽو سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو ڪيس وڙهي رهيو آهي ۽ سنڌ حڪومت امدادي ڪم جاري رکي ٿي. پاڪستان ۾ تازين برساتن سبب 18 لک ماڻهو متاثر ٿيا آهن ۽ ڪجهہ گهر مڪمل طور تباهہ ٿي ويا آهن. سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرن جي بحالي تي هڪ ارب ڊالر خرچ ڪرڻ واري آهي. هن چيو تہ پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي، اسان جي 65 سيڪڙو آبادي جو تعلق زرعي شعبي سان آهي. عمران خان جي دور ۾ ڪڻڪ مان هر شيءِ امپورٽ ڪئي پئي وڃي ۽ اسان پيپلز پارٽي جي ڪڻڪ امپورٽ نہ ڪري رهيا هئاسين، ڇاڪاڻ تہ اهو سڀ ڪجهہ پيپلز پارٽيءَ جي هاري دوست پاليسين جي ڪري ممڪن ٿيو آهي. هاڻي ٻوڏ متاثر ضلعن ۾ ڪڻڪ جي پوک ڪئي وڃي رهي آهي. زرعي شعبي ۾ 13.5 ارب رپيا ٻوڏ متاثرن جي مدد لاءِ خرچ ڪيا پيا وڃن ۽ 50 ارب رپيا سڄي سنڌ ۾ روڊن جي مرمت تي خرچ ڪيا پيا وڃن. هن چيو تہ وڏا ماڻهو ڳالهيون ڪندا آهن ۽ ڪم گهٽ ماڻهو ڪندا آهن. سنڌ حڪومت جي ترجمان صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي چيو تہ هاڻي ڪراچي ترقي ڪري رهيو آهي. جڏهن ماڻهن کي بس جو سفر مليو تہ حافظ نعيم جي مخالفت ڪئي. وسيم اختر جڏهن گهرو صلاحڪار هو تہ سندس دور ۾ 12 مئي جو سانحو پيش آيو، وسيم اختر کي ڇڏي ڏيو تہ جيڪي ماڻهو مايوسي وڪڻڻ چاهين ٿا اهي هاڻي اڻين ڪندا رهندا. ڪراچي جي عوام کي سمجهڻ گهرجي تہ وسيم اختر جو ماضي ڇا آهي ۽ حافظ نعيم جو ماضي ڇا آهي وسيم اختر پورا چار سال مزا ڪيا ۽ آخر ڪاغذ وڪرو ڪري ڇڏي هليو ويو. هاڻي ڪراچي جي عوام کي 1122 جي شڪل ۾ بهتري جي ضرورت آهي. ڪراچي جي عوام پيپلز بس سروس جي صورت ۾ بهتري چاهي ٿي، ڪراچي کي صحت جي سهولتن جي ضرورت آهي NICVD جي صورت ۾ ۽ اهو سڀ ڪجهہ شهر جي ترقي ۽ خوشحالي جي صورت ۾ چاهي ٿي. اهو صرف پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت ڏنو آهي. اسان بنا ڪنهن فرق ۽ برابري جي خدمت ڪئي آهي ۽ ناڪاري سياست ۽ تنقيد کان بالاتر ٿي خدمت ڪندا رهنداسين. هاڻي عوام فيصلو ڪندو تہ ڪنهن ڳالهيون ڪيون ۽ ڪنهن ڪم ڪيو.

بقايا 11 ***

تي غور ويچار ڪيو ويو ۽ اهم فيصلا ڪيا ويا ۽ سگا جي پنج خالي عهدن تي عهديدارن جي چونڊ ڪئي وئي جنهن موجب خالد حسين چنا وائيس چيئرپرسن، محترمہ عروس ڪتي سيڪريٽري وومين ڊولپمينٽ ۽ ميمبر مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي جي ٽن خالي عهدن تي رفيق احمد جعفري، غلام حسين بلوچ، حسينہ آزاد جتوئي ۽ صنم ناز جوڻيجو کي نامزد ڪيو ويو. گڏجاڻي ۾ سگا جو 42 هون سالياني ڪنوينشن ۽ 50 هين سالگرهہ 24، 25 ۽ 26 فيبروري 2023ع تي ڪراچي ۾ ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ ٽن ڏينهن واري پروگرام جي منظوري ڏني وئي. گڏجاڻي ۾ تاج محمد وسان ڊپٽي سيڪريٽري جنرل، نور محمد سيال سيڪريٽري ماليات، عبداللطيف ڪرکيو سيڪريٽري اطلاعات، ارباب خالد محمود سيڪريٽري صحت، پيرل خان ڪوسو سيڪريٽري تعليم، شهاب الدين شاهاڻي ڪاروباري ڪاميٽي جي ميمبرن ۾ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، سيد علي رضا شاهہ، منظور حسين اڄڻ، محمد زمان ڏايو، محمد موسيٰ گولو، نور محمد سهتو، گلزار علي ڪلهوڙو، وزير حسين فرهاد سولنگي، محمد اشرف خادم، راز علي گل پنهور، عبدالغفار صديقي، عبدالحميد ٻلو، امير احمد جوڻيجو، عروس ڪتي، حميده خاصخيلي شرڪت ڪئي.

بقايا 12 ***

جي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي، رينجرز جي نفري پهچڻ تي جوابدارن فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي جوابي فائرنگ ۾ ڦورو بلال افغاني مارجي ويو ۽ سندس ساٿي زخمي ٿي پيو پوليس ذريعن ٻڌايو تہ مارجي ويل بلال افغاني علائقي ۾ وڏين ڪارروائين ۾ ملوث هو جنهن ڦرلٽ لاءِ افغاني چوڪن جو 25 کان 30 رڪني گروهہ جوڙيو هو. پوليس جو چوڻ آهي تہ جوابدار هڪ واردات دوران واپاري جي سيڪيورٽي گارڊ جي قتل ۽ رائفل کسڻ ۾ بہ ملوث هو.

بقايا 13 ***

پيسا جڏهن تہ سعودي ريال 30 پيسا مهانگو ٿي 66 رپين جو ٿي ويو آهي.

بقايا 14 ***

محرومي، تعليم جو فقدان، سماجي اڻ برابري، ماساتن، مارون، سٺوٽن ۽ ٻين رشتيدارن ۾ شادي نہ ڪرائڻ خودڪشي جا وڏا سبب قرار ڏنا پيا وڃن. ٿرپارڪر ضلعي ۾ هر سال خودڪشي جا واقعا گهٽجڻ بدران وڌي رهيا آهن. گذريل پنجن سالن دوران 617 ماڻهن خودڪشي ڪئي، جن مان

476 ماڻهن جو تعلق اقليتي برادري سان آهي، جن ۾ 345 عورتون شامل آهن. انگن اکرن موجب 2017 ۾ 78 ماڻهن حياتيون وڃايون، جڏهن تہ 2018 ۾ اهو انگ 100 تائين پهچي ويو. 2019ع ۾ خودڪشي جي واقعن ۾ ڪجهہ گهٽتائي آئي پر هن سال بہ 84 ڄڻن خودڪشي جي واقعن ۾ خودڪشي ڪئي 2020 ۾ 113 ماڻهن خودڪشي ڪئي، جڏهن تہ 2021 دوران 116 واقعا ٿيا ۽ 2022 دوران 126 ماڻهن موت کي پنهنجي گلي لڳايو. نفسيات جي ماهرن موجب خودڪشي جي واقعن کي شهرين جي رهڻي ڪهڻي، ذهني ۽ جسماني ترقي، لاڙاندين کي فروغ ڏيڻ ۽ جديد علاج جي طريقن سان روڪي سگهجي ٿو.

بقايا 15 ***

ڪانپوءِ ضمانت واري درخواست تي رياست کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. اعظم سواتي طرفان سندس وڪيل بابر اعوان عدالت ۾ پيش ٿيس. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڏرين ڪان ايندڙ سومر تائين جواب طلب ڪري ورتو آهي. واضح رهي تہ ايف آءِ اي 26 نومبر 2022 تي اعظم سواتي خلاف تڪراري ٽوئيٽس تي ڪيس داخل ڪيو هو ٽرائل ڪورٽ 21 ڊسمبر تي اعظم سواتي جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي هئي، بابر اعوان طرفان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪرايل ضمانت واري درخواست ۾ اعظم سواتي موقف اختيار ڪيو آهي تہ هن مبينا ٽوئيٽ پوسٽ نہ ڪئي. درخواست ۾ چيو ويو آهي تہ اعظم سواتي جو ڪنهن اداري کي بدنام ڪرڻ جو ارادو نہ هو. جاچ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ بہ استغاثہ وٽ سندس خلاف ڪو ثبوت ناهي، درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو تہ درخواستگذار اعظم سواتي جي عمر 75 سال آهي ۽ دل جي بيماري ۾ مبتلا آهي، مٿس ڪيس دستاويزي الزامن تي ٻڌل آهي. ڪيس جيل ۾ رکڻ مقدمي کان اڳ واري سزا جي برابر هوندي.

بقايا 16 ***

ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ 37 ورهين جو رفيع الله پٽ سردار خان مارجي ويو مقتول خشڪ ميوي جو واپاري ۽ ليارئي جي علائقي ڇاڪيواڙا ڪرڪلي گودام جو رهواسي هو جڏهن تہ سڃاڻپ ڪارڊ تي سعيدآباد جو پتو لکيل آهي. مقتول اصل لکي مروت جو رهواسي هو ۽ هو 5 ٻارن جو پيءُ هو. مقتول جي کيسي مان 35 هزار رپيا روڪ رقم ۽ قيمتي موبائيل فون مليا. جيڪي پوليس قبضي ۾ وٺي ڇڏيا. پوليس موجب مقتول جو شيرشاهہ ۾ اسڪريپ جو ڪاروبار هو ۽ بلديا ٽائون ۾ دراٽي فروٽ جو ڪاروبار هو. واقعي جي وقت مقتول پنهنجي ڪار ۾ خيبر چوڪ کان بلديا ٽائون وڃي رهيو هو تہ پٺيان ايندڙ ڪار ۾ سوار جوابدارن فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ رفيع الله کي مڇي ۽ گولين لڳيون ۽ هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو. پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 17 ***

صدر زين شاهہ پهچي ملاقات ڪئي سنڌ ۽ ملڪ جي تازي پيدا ٿيل صورتحال تي تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. ان موقعي تي اياز لطيف پليجي ڳالهائيندي چيو تہ گيس ڪرنلو، تيل سميت معدني وسيلن سان مالا مال سنڌ شديد تڪليف ۽ سورن ۾ آهي سنڌي ماڻهن بيوس ۽ لاچار بڻيل آهن شاهوڪار ڌرتي جي ڌڻين جو ڪو والي وارث نہ آهي، پيپلزپارٽي پندرهن سالن کان ڪارڪردگي ناڪام ۽ ڪرپٽ رهي آهي پيپلزپارٽي مسلسل سنڌ جي اقتدار ۾ رهندي پڻ سنڌي ماڻهن جي ذلتن ۽ مصيبتن کان سواءِ ڪجهہ نہ ڏنو آهي. مسڪين مارئڙن جي ووٽ تي حڪمران بڻجي ويل نااهل، جاهل، ڪرپٽ ۽ ظالم حڪمران ڪريشن ڪرڻ ۽ پورا آهن. اياز لطيف پليجي چيو تہ پاڪستان انصاف، آئين ۽ قانون جي بالادستي ۽ حڪمراني ڪانسواءِ اڳتي نٿو وڌي سگهي ۽ ترقي ڪري نٿو سگهي آڪريابيروي. ڪريشن ۽ اميرن تباهي ۽ برباديءَ جو رستو آهن دنيا جي سڌريل ملڪن آئين، انصاف، ميريٽ ۽ شفافيت جي رستي تي هلي ترقي ڪئي آهي اسان وٽ جيڪو جيترو طاقتور آهي، اهو آئين ۽ قانون کي اوترو لتاڙي ٿو ملڪي وسيلا ۽ عوام جي دولت لٽي وٺي آهي ادارن کي تباهہ ڪيو ويو آهي تعليم، سائنس، ميريٽ کي لتاڙيو ويو آهي ڪرپٽ ماڻهن ۽ شخصيتن کي بي تاج بادشاهہ ۽ طاقتور بڻائڻ بدران نظام کي مضبوط بڻايو وڃي جنهن ۾ انصاف هجي، اياز لطيف پليجي چيو تہ سنڌ ۾ مهانگائي عروج تي آهي، جنهن ڪري مزدور پورهيت ۽ هاري غريب ۽ بدحالي جو شڪار آهي ناجائز مهانگائي جي ڪري غريب عوام لڇي پيو آهي سنڌ حڪومت عوام کان لاتعلق بڻجي وئي آهي، ناجائز منافعي خور مافيا ناجائز فائدو وٺي هر شئي جا اگهہ آسمان تي پهچائي ڇڏيا آهن ڪنهن بہ شئي تي ڪنٽرول ناهي ۽ بي پناهہ مهانگائي وڌي وڃي ٿي مهانگائي عروج تي آهي، جنهن ڪري مزدور پورهيت ۽ هاري غربت ۽ بدحالي جو شڪار آهي سنڌ حڪومت عوام کي بک بدحالي کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڏنو آهي ماڻهو هڪ وقت جي ماني کائڻ لاءِ بہ پريشان آهي.

بقايا 18 ***

چيما چيو تہ جوابدار نويد تربيت يافتہ حملي آور آهي، عمران خان تي حملي وقت هڪ کان وڌيڪ شوٽر هئا، جاچ ۾ ڪيترا حملي آور هئا. جلد سامهون اچي ويندو، هن وڌيڪ چيو تہ پولي گراف ٽيسٽ ۾ ٻڌرو ٿيو تہ جوابدار جي چوڻ ۾ ڪا بہ سچائي ناهي. هينئر تائين جي جاچ ۾ ثابت ٿيو آهي تہ عمران خان تي حملو سوچيل سمجهيل سازش جو حصو آهي، پولي گراف ٽيسٽ موجب جوابدارن جو چوڻ آهي. ڪجهہ چيو هن ڪوڙ ڳالهايو. جوابدار کان پڇيو ويو تہ هن ٽريننگ ورتي آهي ۽ ٽيسٽ ۽ ريٽنگ مائنس هئي. عمر سرفراز چيما چيو تہ اسان کي لانگ مارچ روڪڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون، حڪومت طرفان عمران خان تي حملي جي مذمت نہ ڪئي وئي، ن ليگ اڳواڻ جي آءِ ٽي آڊر پيش نہ ٿيا. اسان جو مطالبو آهي تہ جي آءِ ٽي جي حمايت ڪئي وڃي، پنجاب جي گهرو وزير وڌيڪ چيو تہ جاچ ڪانپوءِ جي معلوم ٿيو تہ جوابدار اڪيلو نہ هو، جوابدار نويد لاهور ڇڏي پنجن ڏينهن ڪانپوءِ وزيرآباد پهتو. عمران خان جو گارڊ گولي نہ پر گولي لڳڻ سان مارجي ويو. سڪيورٽي گارڊن وٽ هٿيار بہ آهن فرانزڪ ٽيسٽ بہ ڪليئر ٿيو.

بقايا 19 ***

معاملن واري ڪاتي جي تحت مڪمل ٿيل گوسپل پينٽي ڪوسٽل چرچ جو افتتاح ڪيو اقليتي معاملن ڪاتي جي ڊائريڪٽر مهيش لال دوداني، ايگزيڪيوٽو انجنيئر سنجرايا صوبائي وزير سان گڏ هئا. هن موقعي تي فادر جان پڻ موجود هئا. جڏهن تہ مهراڻ ٽائون جي مسيحي برادري جي معززين پڻ افتتاحي تقريب ۾ شرڪت ڪئي. گرجا گهر جي اسپيڪر جي سفارش پاڪستان پيپلز پارٽي جي ميمبر سنڌ اسيمبلي انٿوني نويد ڪئي هئي. ايگزيڪيوٽو انجنيئر صوبائي وزير کي مڪمل ڪيل اسڪيم ۽ ان جي مڪمل ٿيڻ جي مدت جي باري ۾ تفصيل سان آگاهہ ڪيو ان موقعي تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندي صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي چيو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي بنا ڪنهن مذهب، ذات پات ۽ نسل جي فرق ۽ عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي ۽ اقليتن جي حقن کي پنهنجي ايجنڊا ۾ هميشہ مقدم رکندي آهي. هن چيو تہ اقليتي برادري ملڪ جي تعمير ۽ ترقي ۾ بي مثال ڪردار ادا ڪيو آهي. مسيحي برادري اسان جي معاشري جو هڪ لازمي حصو آهي ۽ خاص طور تعليم، صحت جي شعبن ۾ مسيحي برادري جون خدمتون ساراهہ جوڳيون آهن. صوبائي وزير چيو تہ اقليتي معاملن وارو ڪاتو چيئرمين پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن کي حقيقي روپ ڏيڻ لاءِ ڪوشان آهي ۽ اقليتن لاءِ سوين پلاٽي ۽ ترقياتي اسڪيمون شروع ڪيون آهن. صوبائي وزير چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي اقليتي برادري پيڙهيل طبقن کي پارليمينٽ ۽ مڪاني ادارن ۾ نمائندگي ڏيڻ جون مثاليون قائم ڪيون آهن. هن چيو تہ جيتري تائين اقليتي جي نمائندگي جو تعلق آهي پاڪستان پيپلز پارٽي ڪين قومي ڌارا ۾ آندو آهي. هن ياد ڏياريو تہ انور لال ڊين جهڙن ڪارڪن کي پارليمينٽ جي ميمبرن ايوان ۾ پنهنجي ساٿي سان گڏو گڏ پنهنجي جماعت جي نمائندگي ڏني. لاءِ سينيٽر جونڊرايو آهي. ان موقعي تي مهراڻ ٽائون جي مسيحي برادري چرچ اسڪيم کي مڪمل ڪرڻ تي سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ساراهہ ڪئي، جڏهن تہ آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ خاص دعا پڻ ڪئي وئي.

بقايا 20 ***

موجب بيڙي ۽ گرفتار ٿيلن کي پاڪستاني قانون ۽ سمنڊ جي قانون بابت گڏيل قومن جي ڪنوينشن جي پڇڙيءَ تي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ ڪراچي آندو ويو آهي.

بقايا 21 ***

آهي تہ وزيراعظم شهباز شريف ۽ مسلم ليگ ق جي سربراهہ چوڌري شجاعت وچ ۾ تازي ملاقات ۾ گراس روٽ ليول تي رٿابندي تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي وئي، جنهن موجب ڪجهہ ميمبرن سان رابطا مڪمل ٿيڻ ۽ پرويز الاهي جي حڪمراني لاءِ مثبت نتيجا نڪرندا. ايوان ۾ اعتماد جي ووٽ جي ممڪن ناڪامي جو بنيادي سبب اهو آهي تہ پنجاب جي حڪمران جماعتن سان اختلاف رکن ٿا، ذريعن موجب اهو ڪم آصف زرداري، چوڌري شجاعت، جهانگير ترين ۽ ن ليگ جا ڪن اڳواڻ مڪمل ڪندا. ان تي منصوبي تحت مخالف ڌر جي اڳواڻ حمزه شهباز جي 5 جنوري تي وطن واپسي جو امڪان آهي حڪمران اتحاد صوبائي وزير حسنين بهادر جي استعيفي رد ڪرڻ کي پي ٽي آءِ ۽ پرويز الاهي وچ ۾ عارضي معاهدو قرار ڏئي ڇڏيو آهي.

بقايا 22 ***

ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو تہ شهيد بي بي پاڪستان نہ پر پوري دنيا جي مجيل ۽ عظيم ليڊر هئي جنهن جي 27 ڊسمبر تي عوام کان انهن جي ليڊر کسي ورتي وئي. عوام دشمن قوتن سان گڏ دهشتگرد بہ شهيد بي بي جي نالي کان بہ خوفزده هئا. هن چيو تہ پ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيدن جي مشن کي ڪٽي اڳتي وڌي رهيو آهي جيڪو ملڪ ۽ عوام جي حقيقي

حڪمراني کي قائم ڪري هن ملڪ جو وزير اعظم بڻجندو. هن وڌيڪ چيو تہ سڀاڻي پوري ملڪ جي عوام جو رخ ڳڙهي خدابخش هوندو جيڪي شهيد بي بي جي مزار تي حاضري ڀري خراج عقيدت پيش ڪندا. هن چيو تہ سڀاڻي 1 بجہ جلسي جي شروعات ٿيندي ۽ نماز ظهر بعد مشاعري جي محفل ٿيندي بعد ۾ جلسي کي خطابن جو سلسلو شروع ٿيندو ۽ آخر ۾ ڪو چيئرمين پ پ پ آصف علي زرداري ۽ چيئرمين پ پ پ بلاول ڀٽو زرداري جلسي کي خطاب ڪندا ۽ نئون ديرو ۾ جلسي بعد نئون ديرو هائوس ۾ سي اي سي اجلاس ٿيندو جنهن ۾ شهيد راڻي کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ سان گڏ ملڪي سياسي صورتحال زير بحث هوندي

بقايا 23 ***

ابوذر سلمان نيازي جي درخواست تي ٻڌائي ڪئي تہ پاڪستان جي قيام کان وٺي صدرن ۽ وزيراعظمن کي مليل تحفن جا تفصيل ڏنا وڃن درخواستگذار جي وڪيل چيو تہ درخواستگذار صدرن ۽ وزيراعظمن کي 1947ع کان مليل تحفن جا تفصيل طلب ڪيا. ڪابينا ڊويزن اها ڄاڻ ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيو تہ اها ڪلاسفائيڊ آهي ۽ پاڪستان انفارميشن ڪميشن 29 جون تي حڪم ڏنو هو 5 مهينا گذرڻ باوجود عمل نہ ٿيو آهي. جسٽس ميان گل حسن ڀچائو ڪيو تہ باقي سرڪاري ملازمن جي چو شامل نہ ڪيو ويو؟ توهان پاڻ کي صدر ۽ وزيراعظم تائين محدود ڇو ڪري رهيا آهيو؟ ان ماڻهن توهان جي عزائم کي ظاهر ڪري ٿو. هر درخواست جيڪا اچي ٿي ان جو تعلق وزيراعظم سان آهي. ان موقعي تي ڊپٽي اٽارني جنرل چيو تہ منهنجي خيال ۾ 1990 کان اڳ جو رڪارڊ موجود نہ هوندو. اهڙي معلومات ويب سائيٽ تي هجڻ گهرجي. مختصر ٻڌڻي ڪانپوءِ عدالت پاڪستان انفارميشن ڪميشن جي فيصلي تي عمل نہ ڪرڻ تي ڪابينا ڊويزن کي نوٽيس جاري ڪندي هڪ مهيني ۾ رپورٽ طلب ڪري ورتي.

بقايا 24 ***

ڪيٽيگري 1 کان 3 جي فيڊرز تي روزانو 2 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪئي ويندي ۽ لوڊشيڊنگ جو مدو صبح 7 وڳي کان شام 7 وڳي تائين هوندو. جڏهن تہ هاءِ لاسز وارن فيڊرز تي 4 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪئي ويندي. ذريعن موجب ليسڪو ۾ بجلي جي طلب 2400 ميگاواٽ آهي پر صنعتي يونٽن کي لوڊشيڊنگ کان ڇوٽ ڏني ويندي.

بقايا 25 ***

ادارن واري وزير ناصر شاهہ جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو آهي تہ حافظ نعيم کي پنهنجي سياسي حيثيت جيتري وڏي ڳالهہ ڪرڻ گهرجي. هن چيو تہ پيپلز پارٽي جي خمير ۾ عوامي خدمت ۽ سياسي ڏاهپ آهي. جڏهن تہ جماعت اسلامي جي خمير ۾ تعصب آهي. ناصر شاهہ چيو تہ پيپلز پارٽي جماعت اسلامي جهڙي تنگ نظري ۽ تعصب پرست ناهي، مڪاني ادارن واري وزير چيو تہ حافظ نعيم تصور بہ نہ ڪيو هوندو تہ هو ميئر ٿيڻ جي خواهش ۾ اهڙي تعصب جو مظاهرو ڪندو. ناصر شاهہ وڌيڪ چيو تہ پيپلز پارٽي جي حڪومت ڪراچي جو امن بحال ڪيو جڏهن تہ پيپلز پارٽي دهشتگردي جي باهہ ڏئي رهي آهي، ڪراچي جو عوام باشعور آهي ۽ هو ڪڏهن بہ تنگ نظر ۽ متعصب شخص کي چونڊجڻ نہ ڏيندو.

بقايا 26 ***

۾ فيملي فيسٽيول جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي حافظ نعيم چيو تہ ايم ڪيوايم ۽ پي ٽي آءِ غلط آدمشماري جي منظوري ڏني، جڏهن تہ پيپلز پارٽي جي خمير ۾ ڪراچي مخالف آهي، ان کي درست ڪيو وڃي. هن چيو تہ ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم تي ضابطو آڻڻ ۽ امن امان جي صورتحال جي بهتري لاءِ شهرجي پوليس ۾ 80 سيڪڙو مقامي ماڻهن کي ڀرتي ڪيو وڃي، ڪراچي ۾ 40 هزار کان وڌيڪ پوليس اهلڪار مقرر آهن جن مان هڪ سيڪڙو بہ ڪراچي جو ناهي. ڪراچي ۾ هن وقت سڀ کان سستي شيءِ انساني جان آهي. هڪ مهيني ۾ ڪورنگي ۾ مزاحمت ڪندي 4 شهرين کي شهيد ڪيو ويو پٺي طرف مڪاني ڪاتي واري وزير سنڌ شاهہ، حافظ نعيم جي بيان کي تعصب تي ٻڌل قرار ڏيندي چيو آهي تہ حافظ نعيم ميئر ٿيڻ جي خواهش ۾ تعصب جو مظاهرو ڪندو، اهڙي توقع نہ هئي، حافظ نعيم سياسي طور تي مڪمل آزاد آهي.

بقايا 27 ***

چاهي هو يو اي اي جو دورو ڪري رهيا هجن يا ڪو بيو ڪم ڪاروهجي ڪين ويزا ڏني ويندي آهي. هن چيو تہ اسلام آباد ۽ لاهور کان علاوه انهن شهرن ۾ پيدا ٿيل يا رهندڙ پاڪستاني پاڻ کي بہ ڪراچي قونصليٽ کان ويزا جاري ڪري رهيا آهن. قونصل جنرل بخيت عتيق الرميٺي افسوس جو اظهار ڪندي چيو تہ خبر ناهي اهڙين ڪو ڪير پيو وڃي، ڪجهہ هفتن کان پوءِ مختلف قسم جون افواهون پکڙجي رهيون آهن. خبر ناهي ماڻهو اهڙيون افواهون ڇو پکيڙي رهيا آهن. واضح رهي تہ سوشل

ميڊيا جي ڪجهہ ويب سائيٽس تي اهڙا پوسٽر گردش ڪري رهيا آهن. جن ۾ پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ پيدا ٿيندڙ پاڪستاني شهرين لاءِ يو اي اي جي سياحتي ويزا تي پابندي ڏيکاري وئي آهي.

بقايا 28 ***

کي خطاب ڪندي نائي جي اڳوڻي وفاقي وزير مفتاح اسماعيل ۽ اقتصادي ماهرن چيو آهي تہ آءِ ايم ايف وٽ نہ وڃڻ جو فيصلو آهي جنهن ۾ 2018ع کان 2018ع تائين مسلم ليگ (ن) جي حڪومت هئي جنهن ۾ چين ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ آسان کي پئسا ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو سي پيڪ آمريڪا ۽ چين وچ ۾ سرد جنگ جو نشانو بڻجي ويو آهي، ٻن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس جي موقعي تي مشهور اقتصادي ماهر شبر زيدي، اسٽيٽ بئنڪ جو اڳوڻو گورنر سليم رضا ۽ اقتصاديات جي ماهر ڊاڪٽر شاهده وزارت پڻ موجود هئي. ڪانفرنس کي خطاب ڪندي نائي واري اڳوڻي وفاقي وزير مفتاح اسماعيل چيو تہ ايترا مسئلا نہ هئا جڏهن اسان پهريان ٽي سال آءِ ايم ايف پروگرام ۾ هئاسين پوءِ ٻن سالن ۾ امپورٽ تيزيءَ سان وڌي وئي پر ايڪسپورٽ نہ وڌي جو اسان پنهنجو روپيو مصنوعي طور بلند رکيو. گذريل سال ايڪسپورٽ 31 ارب هئي، ترسيل 30 ارب هئي، اهڙي طرح گذريل سال 61 ارب آمدني ٿي ۽ اسان جا خرچ 80 ارب ڊالر هئا. هن چيو تہ سي پيڪ ملڪ جي معاشي ترقي جو ضامن آهي جڏهن چين پنهنجي ڪمپنين کي قرض ڏنو تہ انهن پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪئي. هن خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن آءِ ايم ايف تہ آئي تہ پاڪستان ڏيوالپڻي طرف ويندو. هن وڌيڪ چيو تہ تعليمي ادارن ۾ اهڙن موضوعن تي بحث ڪرڻ مسئلن جي حل طرف پهريون قدم آهي. استقباليہ کي خطاب ڪندي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر رضا علي خان چيو تہ پاڪستان جي غير مستحڪم معيشت، گهٽ پيداوار، توانائي ۽ جي ڪوٽ ۽ بيروزگاري جهڙن نازڪ مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي قومي مفاد مطابق پاليسيون ناهڻ جي ضرورت آهي. شيخ الجامعہ اين اي ڊي پروفيسر ڊاڪٽر سروش حشمت لوڌي ۽ ٻين فيڪلٽي آرڪيٽيڪچر اينڊ مئنيجمينٽ سائنس پروفيسر ڊاڪٽر نعمان احمد چيو تہ ملڪي معيشت کي بحران مان ڪڍڻ ۽ انساني سرمائيداري لاءِ پاليسي ناهيندڙن کي ڏگهي مدي وارين پاليسيون ناهڻ گهرجن. معيشت جي اهميت کي اجاگر ڪندي اقتصادي ماهر شبر زيدي چيو تہ سي پيڪ آمريڪا ۽ چين وچ ۾ سرد جنگ جو سبب بڻجي چڪو آهي. اقتصادي منصوبي جي سياست سان نہ ملايو وڃي. 50 بلين ڊالرز جي اسان کي انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ ۽ توانائي جي بحران کي منهن ڏيڻ جي ضرورت آهي. سي پيڪ ڪانسواءِ پاڪستان وٽ ڪو آپشن ناهي. اسٽيٽ بئنڪ جي اڳوڻي گورنر سليم رضا چيو آهي تہ چين سان بهتر لاڳاپا پاڪستان جي معاشي ترقي لاءِ ضروري آهن. هن چيو تہ اسان گذريل 3 سالن کان ٻاهرين قرضن تي ڀاڙي رهيا آهيون. کاڌ خوراڪ ۽ زراعت جي پيداوار ۾ فرق 5 سال اڳ 2 بلين ڊالر هو ۽ هاڻي 6 بلين ڊالر آهي. هن چيو تہ چين کي ٽيڪس فري زون بڻائڻ گهرجي. ڊين ڪاليج آف اڪنامڪس اينڊ سوشل ڊولپمينٽ جي پروفيسر ڊاڪٽر شاهده وزارت چيو تہ جڏهن ڪو ملڪ پنهنجي مقامي ڪرنسي کي گهٽائي ٿو تہ برآمدات سستي ۽ درآمدات مهانگي ٿي وڃي ٿي. جڏهن تہ مقامي صنعت مقابلي کان ٻاهر ٿي وڃي ٿي معاشي حالتون بهتر ڪرڻ لاءِ ٻاهران اينڊ لگزري آئٽمز تي هن وقت پابندي لڳائي وڃي تہ جيئن مقامي سطح تي ڪاروبار کي فروغ ملي ۽ مهانگائي کي گهٽائي سگهجي. هن آءِ ايم ايف جي ظالمانہ شرطن تي بہ اعتراض اٿاريو ڪانفرنس جي اختتامي سيشن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر رضا علي خان ٽيم ۽ ميڊيا جي ڪوشش کي ساراهيو.

بقايا 29 ***

ڪندي چيو آهي تہ عمران خان مون کي ٻيهر وزيراعظم ٿيندي نظر نٿو اچي. تمام جلد سائي بہ عمران خان کي خدا حافظ چوڻ وارا آهن. عمران خان لاءِ سٺا ڏينهن نظر نہ پيا اچن. ان لاءِ وڌيڪ مسئلا پيدا ٿيندا. منظور وسان پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چيو تہ ۽ اسيمبليون نہ ٽوڙينديون ۽ نہ ئي عمران خان جي خواهش تي ان کا تاريخ ڏني ويندي، نہ سگهي ٿو حڪومت ۽ سمورين پارٽيون گڏيل سيٽ اپ ناهي ۽ وزيراعظم شهباز شريف ۽ اسيمبليون ٽوڙي ڪري مارچ ۾ چونڊن جو اعلان ڪن. زراعت بابت صلاحڪار چوڻ هو تہ مون اڳ بہ چيو هو ۽ اڄ بہ چئي رهيو آهيان تہ ملڪ ۾ عام چونڊون مئي جي آخر ۾ ٿينديون. بلوچستان ۽ سنڌ ۾ پيپلزپارٽي جا وڏا وزير آهن. ماضي ۾ ڪنهن اداري ڪنهن جي حمايت ڪئي اهو 75 سال جي ملڪي فلم مون کي سامهون نظر اچي رهي آهي.

بقايا 30 ***

وڳي تائين هوندو. جڏهن تہ هاءِ لاسز وارن فيڊرز تي 4 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪئي ويندي. ذريعن موجب ليسڪو ۾ بجلي جي طلب 2400 ميگاواٽ آهي پر صنعتي يونٽن کي لوڊشيڊنگ کان ڇوٽ ڏني ويندي.

بقايا — سنڌيار — 01

ٽائن رلا جنور ڏپور سنڌ ۾ احتجاج جو اعلان ، فوڊ ايمپلائيز فيڊريشن پاران نوشهرو فيروز.ان موقعي تي فوڊ ايمپلائيز فيڊريشن سنڌ جي صدر جاويد يونس راڄپر، محمد گوپانگ، گل محمد ڪلهوڙو ۽ ٻين چيو ته فوڊ کاتي اندر انڌير نگري چرٻٽ راجا جو قانون هلي رهيو آهي هڪ پاسي ڪرپشن ۾ ملوث آفيسرن جا پروموشن ڪيا ويا آهن ۽ افسوس جو کاتي اندر 24 ڪلاڪ ڊيوٽي ڏيندڙ پڙهيل لکيل ڪواليفائيڊ چوڪيدارن، پٽيوالن، ڊرائيورن سميت ننڍن ملازمن کي پروموشن به نه پيا ڏنا وڃن نه ئي وري وزيراعلي سنڌ جي ليٽر جي باوجود به سيڪريٽري فوڊ ۽ سيڪريٽري فنانس ملازمن کي ٽائيم اسڪيل ڏيڻ لاءِ تيار آهن جيڪا ننڍن ملازمن سان ناانصافي جي انتها آهي جڏهن ته آفيسرن خوراڪ کاتي کي پنهنجي جاگير بڻائي ڇڏيو آهي جيڪي فوتي ڪوٽا تي به عمل ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ نه وري ورڊ الائونس ۽ گروپ انشورنس بلن تي رشوت جي بغير صحيح ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن جنهن سبب ڪيترن ئي فوتي ملازمن جا خاندان فاقاڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهن هنن چيو ته نواز دور جي برطرف آفيسرن کي بحال ڪيو ويو آهي پر ننڍن ملازمن کي بحال نه ڪيو ويو آهي آفيسرن جا پروموشن ڪيا ويا آهن پر ننڍن ملازمن کي ٽائيم اسڪيل نه ٿو ڏنو وڃي حدرآباد جي پگهارون مان ڪوٽ بند ڪئي وڃي هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور ملازمن جا مسئلا حل ڪيا وڃن ٻي صورت سڄي سنڌ ۾ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 02

ڏني پئي وڃي ان سلسلي ۾ موٽروي پوليس بيٽ 29 ڪنڊيارو ايڊمن عبدالرشيد سهتو ٻڌايو ته ڪنڊيارو سميت بيٽ 29 تي قومي شاهراهه تي مختلف هنڌن تي ڪوهيڙي دوران موٽروي پوليس پاران ڪوهيڙي دوران سفر ڪندڙ ڊرائيورن کي گائيڊنس سينٽر ۽ ٽول پلازا تي آگاهي ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي جنهن ۾ ڊرائيورن ۽ مسافرن کي هدايت ڪئي وئي ته شديد ڪوهيڙي ۾ غير ضروري سفر ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي سفر ڪرڻ کان اڳ موٽروي هيلپ لائن تي ڪال ڪري معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي ڪوهيڙي ۾ سفر دوران فوگ لائيٽون هيڊ لائيٽون ۽ هيزر لائيٽون آن رکيون وڃن صبح 10 کان شام 6 بجي تائين سفر ڪرڻ کي ترجيح ڏني وڃي بار بارلين تبديل نه ڪجي ۽ سامهون واري گاڏي کان ڪجهه مفاصلو رکڻ گهرجي ۽ اوچتو بريڪ هڻڻ کان گريز ڪجي هن چيو ته اسان جي ٿوري احتياط ڪرڻ سان ڪنهن به امڪاني حادثي کان بچي سگهجي ٿو ايڊمن موٽروي عبدالرشيد سهتو وڌيڪ ٻڌايو ته نيشنل هاءِ وي اٿارٽي عملدارن کي به چيو ويو آهي ته روڊ تي لين مارڪنگ ڪيٽ آئيزر ۽ سائن بورڊز وڏ کان وڏ هنيا وڃن ته جيئن ڊرائيورن کي سفر ڪرڻ وقت گاڏي هلائڻ ۾ آساني ٿئي ۽ ٽال پلازا انتظاميا کي به هدايت ڪئي وئي آهي ته ٽال پلازا تي روشنر ۽ فوگ لائيٽن جو سٺو بندوبست ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 03

حافظ نظاماڻي، ايوب ڪوسو، فيض ڪوسو، پروفيسر عبدالله ملاح، امير آزاد پنهور، زاهد اسحاق سومرو، خادم ٽالپر، نقاش علواڻي، فراق هاليپوٽو، محب ڀيل، مسافر هاليپوٽو، امير منڊرو، پارومل امراڻي سميت سنڌ جا ناليوارا اديب، شاعر ۽ صحافي خطاب ڪندا. ورسي تقريب ۾ ذلفقار لنڊ،اخلاق خاصخيلي ۽ ڏاڙهون ڏڪايل سرن جي ورڪا ڪندا ۽ سنڌ جي نامور اديبن ۽ صحافين کي مڃتا طور ايوارڊ پڻ ڏنا ويندا جڏهن صبح جو ڳوٺ مٺو راهوڪڙو لڳ سيد مهاولي شاهه قبرستان ۾ عثمان راهوڪڙو جي قبر تي گلن جي چادر چاڙهي ويندي.

بقايا — سنڌيار — 04

چانڊيو جي قتل جي ايف آءِ آر 12 ناميينٽ ۽ 3 نامعلوم جوابدارن خلاف ڪيس داخل ٿئي طرف ايس ايچ او پپري غلام شبير شر پاران گجهي اطلاع تي ڪاروائي ڪندي گهربل جوابدار غلام رسول ولد هادي بخش ڪلهوڙو کي گرفتار ڪري ورتو.

بقايا — سنڌيار — 05

سرمست ويلفيئر آرگنائيزيشن جو بنياد رکيو ويو اُن موقعي تي زمان چنا اعجاز ميمڻ سردار پنهور اسماعيل ميمڻ شهباز ميمڻ ۽ ٻين چيو ته هن ويلفيئر جو مقصد سچل سرمست ڪالوني جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ آهي ان لاءِ وڌ کان وڌ ڪوشش ڪبي ت سڄي ڪالوني جي رهواسين کي هڪ سوشل پليٽ فارم تي آڻي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد ڪجي.

بقايا — سنڌيار — 06

آيو: مورو اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو.

بقايا — سنڌيار — 07

ليڪچرار پرتي ٿيل سراج هاليپوٽو جي مڙه کي سوين ماڻهن پاران آلين اکين سان ڳوٺ بچو هاليپوٽو پرسان مهر شاهه جي قبرستان ۾

مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻن لال جروار، نور احمد ڪاتيار، دلدار لغاري، بشير ٽالپر، قادر رانتو، وسند ٿري، نور نبي پليجو، راحيل پيٽو، اسماعيل خاصخيلي، جاڪرو نوحاڻي، مهراڻ درس، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر سبحاني ڏاهري، اياز صالح پليجو ۽ ٻين شرڪت ڪئي، مرحوم جي قبر تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران ڪيس سرخ سلام پيش ڪيو ۽ قومي راڳي ديال صحرائي قومي گيت ڳائي پيٽا پيش ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 08

پهچي نئين چونڊجي آيل باڊي جي عهديدارن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ گلن جا هار پارايا تصيل موجب ,گڏاپ پريس پريس ڪلب جي نئين چونڊجي آيل باڊي کي مسلم ليگ ن سنڌ جي صوبائي نائب صدر غلام سرور ٿنيو ,پ پ مينارٽي ونگ ڪنڊياري جي اڳواڻ ڊاڪٽر نرسينگ ڪنول ,پريم ڇهواڻ ۽ صحافي نواب علي ڀڳهيو ٻين سياسي سماجي ڌرين پاران جي پي سي تي پهچي سنڌ جي سوڪڙي اجرڪ ۽ گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ان موقعي آيل اڳواڻن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته اسان نئين چونڊجي آيل باڊي مان اميد رکون ٿا ته پنهنجي علائقي جي مسئلن کي اجاگر ڪري پنهنجي قلم جي ذريعي غريب ۽ مسڪين ماروئڙن جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائي پنهنجو ڪردار ادا ڪندا ۽ هنن وڌيڪ چيو ته گڏاپ پريس ڪلب جا سيئي جاڪوڙي صحافي جس لهن جيڪي محدود وسيلن باوجود ميرعلي گوهر بلوچ جي قيادت ۾ پنهنجي ماروئڙن جي هر وقت مالڪي ڪن ٿا ۽ ڪراچي جو هي واحد پريس ڪلب آهي جنهن جا دوست پنهنجي هڙون وڙون ڪري ماروئڙن جي مالڪي لاءِ ڪراچي کان سوين ميل ڏور ڀهراڙين ۾ ڪوهستاني جابلون علائقن ,سمنڊري پٽي يا وري ملير جي پسمانده علائقن ۾ پهچي ڏوٿيڙن جي اهنجن کي اجاگر ڪن ٿا ۽ اميد ٿا ڪريون ته هي نئين چونڊجي آيل باڊي به پنهنجي دلي لگن سان پنهنجي جهانگيئڙن جي مالڪي ڪرڻ سان گڏوگڏ هنن جو آواز بڻجي پنهنجو ڪردار ڪندا ۽ ان موقعي تي گڏاپ پريس ڪلب جي چيئرمين ميرعلي گوهر بلوچ ڪهي آيل معزز مهمانن جو شڪريو ادا ڪندي چيو اسان جي ٽيم پنهنجي علائقي جي مسئلن کي اجاگر ڪري پنهنجي قلم جي ذريعي اعلي ايوانن تائين پهچائي پنهنجو ڪردار ادا ڪندا ان موقعي تي گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي جي چيئرمين ميرعلي گوهر بلوچ . صدر سعيد احمد چانڊيو - نائب صدر جئيرام پڙهياڙ ۽ جنرل سيڪريٽري باغي ساگر پنهوار . خزانچي صالم ڏاهري - جوائنٽ سيڪريٽري اسد جتوئي - پريس سيڪريٽري مجيب الرحمان برفت ۽ آفيس سيڪريٽري روشن ڪمار آيل معزز مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ هنن چيو ته گڏاپ پريس ڪلب جاصحافي هميشه پنهنجي ماروئڙن جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائيندا رهيا آهن ۽ هر مظلوم جو آواز بڻجي هنن کي انصاف ڏيارائڻ تائين پاڻ پتوڙيندا رهندا

بقايا — سنڌيار — 09

امتحان ۾ ويٺل سوين شاگردن کي غير حاضر ڄاڻائي مستقبل تباهه ڪيو آهي 2021جي ٽينڊر امتحان جو مڪينزم ب ن جوڙيو ويو آهي سپلا جو موقفخبر موجب سپلا سکر ريجن جي اعلانيل احتجاج جي حمايت ۾ سپلا ڊگري ڪاليج بوزدار وڏا جي عهديدارن جي گڏجاڻي صدر نادرعلي ڪيريو جي صدارت هيٺ ٿي جنهن ۾ فاروق احمد پنهيارشاهد حسين ٽيبواظهرعلي ڪيريوآيت الله لغاري منيراحمد پنهيارسلامت علي ٽالپرءِ ٻين شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي انتظاميا پاران سپلا پاران ڏنل چارٽر آف ڊيمانڊ ۾ ڏنل تجويزن تي ب عمل/ اڳيرائي ن ڪئي آهي جنهن مان صاف ظاهر آهي ت يونيورسٽي انتظاميا وري ب گذريل سال جي امتحان جيان هن امتحان ۾ ب هزارين شاگردن کي غير حاضر ڄاڻائي فيل ڪندي يونيورسٽي انتظاميا پاران جاري ڪيل سلپن جي نالن توڙي تصويرن ۾ ڪيل غلطيون ب درست ن ڪيون آهن ن ئي وري هن سالن کان استادن جا رهيل ٽي سئوبل ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي سالياني امتحان ۾ سنڌ يونيورسٽي جيان 17کان 20 گريڊ جي استادن کي ٿيوري ۽ ايڪسٽرنل جون ڊيوٽيون روٽيشن جي بنياد تي ڏنيون وڃن حيرت جهڙي ڳالهه آهي ت جن کان آن لائين ايپ تان فيس ورتي ويئي تن کي امتحاني سلپ اشو ن ڪيا آهن يونيورسٽي انتظاميا امتحان دوران پيپر ختم ٿيڻ بعد پيپرن جا بنڊل بڻنڪ ۾ جمع ڪرائڻ لاءِ ڪي ب قدم ن کنيا آهن شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي ڪنٽرولر سپلا پاران مذڪوره مسئلن جي حل لاءِ پيش ڪيل چارٽر تي مسئلا حل ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي هئي مگر هن وقت تائين هڪ ب مسئلو حل ن ڪيو

آهي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي انتظاميا جي هٺ ڌرمي سبب هزارين امتحان ڏيندڙ شاگرد رولڙي جو شڪار ٿي ويندا ۽ انهن جو مستقبل داءَ تي لڳي ويندو

بقايا — سنڌيار — 10

سيڪريٽري : امتياز آخوند خزانچي : شاهد حسيني آفيس سيڪريٽري : قربان علي رند جڏهن ته ورڪنگ ڪميٽي جي لاءِ ڊاڪٽر اقبال ڪٽي , غلام مصطفي گل عمراڻي , غلام علي صديقي کي منتخب ڪيو ويو . چوهڙجمالي پريس ڪلب جي نئين چونڊيل باڊي کي شهر جي سياسي , سماجي , مذهبي , ادبي , قومپرست پارٽين سميت شهرين طرفان مبارڪون ڏنيون پيون وڃن.

بقايا — سنڌيار — 11

نقصان پهچائڻ واري عمل خلاف اظهار يڪجهتي طور هڪ ريلي لائيو اسٽاڪ ايمپنل هسبينڊري کاتي مکلي جي آفيس کان پريس ڪلب مکلي تائين ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيواسٽاڪ ٺٽو ڊاڪٽر منير احمد جعفراڻي، مرڪزي صدر PVMA ڊاڪٽر عبدالقدوس ميمڻ، ڊاڪٽر علي حسن جت، ڊاڪٽر ماريه سيال، عبدالله راڄپر، اياز سومرو، غلام محي الدين ويسر، عبدالمجيد نوحاڻي جي اڳواڻي ۾ ڪري DG ڊاڪٽر نظير حسين ڪلهوڙو جي حمايت ۾ نعريبازي ڪري ساٿس مڪمل ساٿ ڏيڻ جو وچن ڪيو، ريلي ۾ چوپائي مال جي پالنا کاتي جي ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، يڪجهتي ريلي کي خطاب ڪندي لائيواسٽاڪ کاتي ٺٽي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر منير احمد جعفراڻي، ڊاڪٽر عبدالقدوس ميمڻ، ڊاڪٽر علي حسن جت ۽ ٻين چيو ته DG لائيو اسٽاڪ سنڌ ڊاڪٽر نظير حسين ڪلهوڙو پاران چارج وٺڻ شرط پوري سنڌ ۾ اداري کي مضبوط ڪري ملازمن کي پنهنجا حق ڏياري پنهنجو پاڻ کي مجرايو آهي، جيڪوجس لهي ٿو جيڪو عمل ڪجهه عناصرن وٽان هضم نٿون ٿئي، جيڪي ان خلاف اجائي پروپيگنڊ ڪري سنڌس ساک کي نقصان پهچائي رهيا اهن، جنهن عمل جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ڊاڪٽر نظير حسين ڪلهوڙو کي يقين ڏهاني ڪرايون ٿا ته اسان ساٿس هر موڙ تي گڏ هونداسين، ڊاڪٽر منير احمد جعفراڻي ۽ ٻين وڌيڪ چيو ته پهريان ملازمن جي ڪاب جلد پروموشن نه ٿيندي هئي پرهن جي اچڻ سميت سمورن ملازمن جون پروموشن ٿيڻ سان گڏ وڏي تعداد ۾ پرتيون ڪري ڪيترن ئي خاندانن کي روزگار تي لڳائي ڇڏيو آهي، هنن چيو ته پهريان لوئر اسٽاف جنهن گريڊ ۾ پرتي ٿيندو هو ته رٽائرڊ ب ان گريڊ ۾ ٿيندو هو، پر DG ڊاڪٽر نظير حسين ڪلهوڙو جي اچڻ سان انهن کي ب پروموشن ملڻ جي يقين ڏهاني ڪرائي ويئي آهي. هنن گهر ڪئي ته فورن DG لائيو اسٽاڪ سنڌ ڊاڪٽر نظير حسين ڪلهوڙو جي خلاف ٿيندڙ اجائي پروپيگنڊ بند ڪري انهن عناصرن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي، ٻئي صورت ۾ سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا — سنڌيار — 12

بک هڙتال سياسي انتقامي ڪاروائي جو الزام تفصيل موجب منظورآباد ۾ وڏي عرصي کان پيئڻ جي پاڻي جي شديد ڪوٽ خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي يو سي منظورآباد طرفان ٻئي ڏينهن به بک هڙتال ڪئمپ تي پاڻي جا خالي ڪولر ڪٽي سخت احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن محمد ملوڪ ٽيبو مدد علي سولنگي بلاول ٽيبو گل پنهور گوونڊا ٺاڪر ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سياسي بااثرن ماضي جي اليڪشن ۾ پولنگ هارائڻ تي منظورآباد جو پاڻي روڪي ڳوٺاڻن کان انتقام وٺي رهيا آهن جڏهن ته منظورآباد کي پاڻي جون به اسڪيمون به مليل آهن جيڪي هن وقت ناڪاره بڻيل آهن اڳواڻن وس وارن کان اهو مطالبو ڪيو ته منظورآباد جي عوام کي پاڻي ڏئي انهن جي بيچني ختم ڪئي وڃي.

بقايا — سنڌيار — 13

توڙي گهرن ۾ عوام مڇرن جي ڪري سخت پريشان آهن هن سلسلي ۾ شهرين تاجر الائنس جي سينئر نائب صدر محمد نديم مغل اڳوٽي ميونسپل ڪائونسلر رياض احمد طاهراڻي صحافين کي ٻڌايو ته ميونسپل ڪميٽي بدين وٽ فنڊ موجود آهن ان هوندي اختيارين جي ڪرپشن ۽ نااهلي جي ڪري شهر ۾ نه صفائي ٿئي ٿي نه وري مڇر مار اسپري ڪرايو ٿو وڃي جنهن جي ڪري سوين رهواسي مليريا بخار ڊائريا ۽ ٻين بيمارين جو شڪار ٿي ويا آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير ڪمشنر حيدرآباد ڊي سي بدين کان مطالبو ڪيو ته بدين شهر ۾ مڇر مار اسپري ڪرائي شهرين تان آزار لاٿو وڃي

بقايا — سنڌيار — 14

رهبرن کي ناهي وساريو اسان کي به انهن جي قدمن تي هلي پنهنجي ملڪ جي ترقي ۾ حصو ملائڻ گهرجي اُن ڳالهه جو اظهار ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غوث محمد پناڻ گلستان معذورين ميرپورخاص پاران قائد اعظم

محمد علي جناح جي 146 هين پيدائشي ڏينهن تي شهيد محترمه بينظير ڀٽو اسپورٽس ڪامپليڪس ۾ ڊبل وڪٽ ويل چيئر ڪرڪٽ ليگ جي اختتامي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو سرپرست اعلي گلستان معذورين، آفاق احمد، صدر قمر الدين ملڪ، چيئرمين دستگير ويلفيئر آرگنائيزيشن محمود حسين صابري، صدر اسپورٽس يوٿ ڪاميٽي امام بلوچ، ڊويزنل اسپورٽس ڪاميٽي جي عبدالسلم خان، انجينئر نوشاد بدر، سول سوسائٽي ايڪٽر وسٽ موئز پاڪستاني سميت ٻين پڻ خطاب ڪيو ان کان علاوه ايم يو جي ورڪرز جي صدر شاهد جميل، جنرل سيڪريٽري سليم شعائي پاران پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ ورڪرس جي آفيس ۾ ۽ آل پرائيويٽ اسڪول مينيجمينٽ ايسوسيئيشن فيصل خان زئي پاران باني ئي پاڪستان جي پيدائش جي موقع تي ڪيڪ ڪٽيو ويو جڏهن ته ڪرڪيٽ ليگ ۾ ميرپورخاص جي 8 ٽيمن حصو ورتو جنهن مان به ٽيمون ميرپورخاص ڊائمنڊ ميرپورخاص هيروز فائينل ۾ پهچيون فائينل ميچ دوران ميرپورخاص ڊائمنڊ 24 رنز ۽ ميرپورخاص هيروز 35 رنز ڪري فتح پنهنجي نالي ڪئي جڏهن ته ٻين ٽيمن ۾ ميرپورخاص ٽائيگرز، ميرپورخاص ايگلز، ميرپورخاص گولڊز، ميرپورخاص شاهين، ميرپورخاص اسٽار، ميرپورخاص سلور سميت ٻيون ٽيمون شامل هيون. ليگ جو افتتاح ڊپٽي ڊائريڪٽر شهيد محترمه بينظير ڀٽو ايچ آر ڊولپمينٽ پروگرام محمد فهيم ۽ فائونڊر پاڪستان پيراڊائيز ايسوسي ايشن ايس ايم سعيد ڪيو جڏهن ته ليگ جي بهترين بيٽس مينن ۾ اظهرعلي ۽ شهباز احمد بهترين بالر جي رام مالهي هئا امپائر جا فرض امجد سومرو، زبير ملڪ، سهيل ملڪ، محمد شاهد نيايا گلستان معذورين جي عهديدارن ۾ نائب صدر حفيظ سرهيو، جنرل سيڪريٽري علي نواز سرهيو، جوائنٽ سيڪريٽري صالح الدين سميت باقر زئي، عمران ملڪ، محمد سعيد، عباس پهلواني ۽ ٻين معززن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري ميچ مان لطف اندوز ٿيا شريڪ ٽيندڙن رانديگرن ڪوشش کي سارهيو ۽ انهن کي داد ڏني.

بقايا — سنڌيار — 15

جي سرڪار زمينن کي تين وال ڪرڻ جو سلسلو اجا تائين برقرار آهي ڊي سي اوپر توڙي ڪمشنر ڪراچي به سرڪاري زمينن جو دفاع ڪرڻ ۾ ناڪام روينيو آفيسر اکوٽ جاڻ رکندي به سرڪار زمين تي ليند مافيا طرفان ٿيندڙ قبضن خلاف ڪارروائي کان ڪن لاتار ڪندي خاموش ڪنهن آزاد. ذريعي سان معاملو ظاهر ٿيڻ تي لاڳاپيل زمين تي نالي ماتر ڪارروائي ڏيکاري لينڊ مافيا جي ڪاريندن خلاف رڳو قبضو جو ڪيس داخل ڪرڻ تائين محدود سرڪاري زمين جي ڪاب وڌيڪ پوءِ واري نه ٿي ڪئي وڃي پوليس به قبضو ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ بعد ڪارروائي ڪرڻ کان قاصر آهي ان سلسلي ۾ گڏ ڪيل ڄاڻ موجب ڪجهه وقت اڳ دريا خان رند ڳوٺ پرسان ڪاليج جي 12 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪري لينڊ مافيا پاران تعميراتي ڪم شروع ڪرايو ويو جنهن معاملي بابت سوشل ميڊيا تي مهم هلائي وئي ته عبدالله افغاني ۽ دريا خان افغاني پناڻ ڪاليج واري زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي ان جو ڊي سي اوپر راجا طارق چانڊيو نوٽيس وٺي ڪارروائي ڪندي ڪم بند ڪرايو جيڪو به رڳو ظاهري طور لڳو بعد ۾ اتي ساڳيوئي قبضو برقرار آهي جنهن بعد پيهروري سپرهاءِ وي لڳ پاور هائوس هڪ نئون سرڪار زمين تي مهراڻ وليج جي نالي قبضو سامهون آيو جنهن تي مقامي پ پ اڳواڻ حنيف سومرو پاران 25 ايڪڙ سرڪاري زمين تي قبضي جو انڪشاف ٿيو جنهن قبضو قائم ٿيڻ بعد پلاٽنگ ڪرڻ بعد مهراڻ وليج جو تعميراتي شروع ڪرايو ته آزاد حلقن طرفان روينيو آفيسر تائين ڳالهه پهچائي وئي ته مختيار ڪار گلزار هجري اسڪيم 33 اعجاز الحسن خان حرڪت ۾ اچي ويو جنهن طرفان سرزمين تي پهچي مهراڻ وليج جو تعميراتي ڪم بند ڪرايو جنهن بعد هن طرفان اينٽي انڪروچمينٽ پوليس وٽ فريادي ٿيندي حنيف سومرو، راڻو عباسي، ياسين پناڻ، بشير ناريجو ۽ ٻين ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪرايو ويو جاٺايل عمل بعد روينيو آفيسرن طرفان قبضا گيرن خلاف وڌيڪ ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي وئي جنهن ڪري سرڪاري زمين تي اجا به لينڊ مافيا جي ڪاريندن جو قبضو برقرار آهي ساڳئي ريٽ پوليس به ايف آئي آر سرد خاني حوالي ڪري ڇڏي آهي جنهن ڪري زمين مٿان قبضو ڪندڙ حنيف سومرو جو قبضو قائم ٿيل آهي هوڏانهن ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته روينيو آفيسر مختيار ڪار گلزار هجري اسڪيم 33 اعجاز الحسن خان طرفان ڄاڻايل قبضي کي مڪمل طور ختم ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي

جوڙي وئي هئي پر ان کي به سياسي طور دٻاءُ وجهي روڪرايو ويو آهي.

بقايا — سنڌيار — 16

علي سولنگي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي سڪندر سولنگي صحافين سان آڏو ڏانهيندي چيو ته منهنجون ٻ گهرواريون حنا ۽ صبا هفتو اڳ يوبي موڙ اسپتال وٽان دوا وٺڻ جي لاءِ ويون هيون جتان ڪار ۾ سوار نامعلوم ماڻهو منهنجي ٻنهي گهروارين کي اغوا ڪري کڻي ويا آهن جنهن جو حد جي گبول ٿاڻون ٿاڻي جي پوليس کي اطلاع ڏنو آهي جنهن ۾ اغوا ڪارن مان هڪ جو نالو نديم مليو آهي جنهن بابت پوليس کي پڻ ٻڌايو آهي مگر پوليس هن وقت تائين منهنجي ٻنهي اغوا ٿيل گهروارين کي بازياب نه ڪرائي سگهي آهي جنهن بابت ايس ايس پي سينٽرل ڊي آءِ جي ويسٽ زون ڪراچي کي پڻ شڪايت ڪئي آهي مگر هن وقت تائين داد رسي نه ٿي سگهي آهي هن آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڊو کان نوٽيس وٺي اغوا ٿيل گهروارين کي بازياب ڪرائڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا — سنڌيار — 17

جا تلاءُ ٺاهڻ واري پروگرام تحت مذڪوره ڳوٺن جي پڙهيل لکيل نوجوانن کي مڇي جي مختلف جنسن جي پالنا جي تربيت ڏيئي ڪين سينٽر ڪولي ڏنا ويا آهن. جن جو دورو بينظير ڀٽو شهيد هيومن ريسورس ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ پروجيڪٽ سنڌ جي سيڪريٽري رياض حسين سومرو، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر عبدالمجيد حڪيم ڏامراهه ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر غلام فاروق، ڊپٽي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر غلام رسول قمبراڻي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مخدوم سليم، علي ملوڪاڻي، پيپلز ڊاڪٽر فورم جي اڳواڻ ڊاڪٽر محمد اسماعيل پليجو، سماجي اڳواڻ پير غلام حسين شاهه جن ٽريننگ سينٽرن جو دورو ڪيو، جتي آيل مهمانن کي مقامي ڳوٺاڻن پاران سنڌ جي سوڪڙي اجرڪن ها تحفا پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي بينظير ڀٽو شهيد هيومن ريسورس ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ پروجيڪٽ سنڌ جي سيڪريٽري رياض حسين سومرو چيو ته هي مڇي پالنا جي تربيت وارو پروگرام سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ جاري آهي، جنهن پروگرام تحت پڙهيل نوجوانن کي مڇي جي پالنا جي تربيت ڏياري ڪين روزگار ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن. پڙهيل نوجوانن کي گهرجي ته وڌ ۾ وڌ هن تربيت ۾ حصو وٺي پنهنجو مستقبل سنوارين. هن چيو ته فشريز کاتو سنڌ اڳ ئي ماهيگيرن جي فلاح و بهبود لاءِ بهتر ڪم ڪري ڪينجهر ڍنڍ سميت مختلف ڍنڍن ۾ مڇي جو بيجو ڇڏي ماهيگيرن جي روزگار ۾ اضافو ڪري رهيو اهي، ماهيگيرن کي ب گهرجي ته هو سنهي مڇي مارڻ کان پاسو ڪن، جيئن سندن روزگار ۾ اضافو ٿيڻ سان گڏ سندن روزگار ب بهتر ٿي سگهي، جنهن سان هو پنهنجي زندگي بهتر طريقي گذاري سگهن.

بقايا — سنڌيار — 18

27 ڊسمبر تي عوام کان انهن جي ليڊر کسي وئي، عوام دشمن قوتن سان گڏ دهشتگرد به شهيد بي بي جي نالي کان به خوفزده هئا. پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيدن جي مشن کي کڻي اڳتي وڌي رهيو آهي، جيڪو ملڪ ۾ عوام جي حقيقي حڪمراني کي قائم ڪري هن ملڪ جو وزير اعظم بڻجندو. سڄاڻي پوري ملڪ جي عوام جو رخ گڙهي خدابخش هوندو جيڪي شهيد بي بي جي مزار تي حاضري پري خراج عقيدت پيش ڪندا. سڄاڻي 1 بجي جلسي جي شروعات ٿيندي نماز ظهر بعد مشاعري جي محفل ٿيندي بعد ۾ جلسي کي خطابن جو سلسلو شروع ٿيندو آخر ۾ ڪو چيئرمين آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جلسي کي خطاب ڪندا. جلسي بعد نئون ديرو هائوس ۾ سي اي سي اجلاس ٿيندو جنهن ۾ شهيد راڻي کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ سان گڏ ملڪي سياسي صورتحال زير بحث هوندي، حاضري دوران سندس سان پي پي ضلعي لاڙڪاڻي جو جنرل سيڪريٽري اعجاز احمد لغاري، معشوق علي جتوئي ۽ ٻيا ساٿس گڏ هئا.

بقايا — سنڌيار — 19

جوائين ڪئي هئي هن کي اردو ادب جو گهرو مطالعو هو هن اردوءَ ۾ شاعري به ڪئي ۽ پنهنجي قائد رسول بخش پليجو جا ڪتاب اردوءَ ۾ ترجمون ڪرڻ به شروع ڪيا هئا هو طبيعت ۾ مانيٽو هو هن کي مختلف موضوعن تي هڪ ئي وقت تي مطالعي جو وڏو شوق هو سراج هاليپوٽو سنڌي شاگرد تحريڪ جو اڳواڻ رهيو هن سنڌو درياءَ جي بقاءَ ۽ سنڌ جي قومي مسئلن تي ٿيل لانگ مارچن مظاهرن ۾ پنڌ ڪيا ۽ ڀرپور حصو ورتو جنهن جي آخري رسمن ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار سنڌي هاري تحريڪ جو مرڪزي صدر دلدار لغاري ليگل ايڊوائيزر بشير ٽالپر ڏاڏا قادر رانتو وسند ٿري

رسول بخش پليجي جو فرزند نور نبي پليجو راحيل ڀٽو اسماعيل خاصخيلي ضلع صدر جاڪرو نوحاڻي اظهار دائود پوٽو مهراڻ درس عاطف ملاح محمد علي ٽالپر سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر صبحاني ڏاهري اياز ڪوسو اياز صالح پليجو ۽ ٻين شرڪت ڪئي انهي موقعي تي قومي راڳي ديال صحرائي پنهنجي ريتي رت ۾ ڳاڙهو جهنڊو جهر جهنگ جهوليندو ڳائي پيٽا پيش ڪئي ۽ سرخ سلام به پيش ڪيو ويو

بقايا — سنڌيار — 20

لاءِ هيٺو پريشاني جو باعث بڻيل آهي. شيخ علي سمون تفصل موجب_ شيخ ويلفيئر ٽرسٽ انٽرنيشنل جي زير اهتمام مرڪزي آفيس ۾ اسٽريٽ ڪرائم جي روڪٿام بابت هڪ دانشورانه اجلاس منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ سياسي ۽ سماجي شخصيتن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. تقريب جو مهمان خاص شيخ علي شام هو. ان موقعي تي انور خان، محمد افضل شيخ، اسلم فاروقي، حيدر، جاويد ملڪ، وسيم غوري، نويد شيخ، عبدالمجيد، اشرف اقبال، شيخ نسيم ۽ ظفر اقبال خاص خطاب ڪيو ۽ پنهنجي راءِ ڏني. هن چيو ته هر باشعور اسٽريٽ ڪرائم کي روڪڻ لاءِ عوام کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. دانشور سيشن جي خاص مهمان شيخ علي سمون چيو ته هڪ طرف عوام جا ڏينهن برباد ٿي رهيا آهن ته ٻئي طرف قانوني مدد نه ملڻ عوام لاءِ هيٺو تڪليف جو باعث بڻيل آهي. هن وڌيڪ چيو ته پوليس کاتو عوام جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ پنهنجي حڪمت عملي کي تيز ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا — سنڌيار — 21

معطل ٿي وئي ڌرڻي دوران الائينس شگر مل انتظاميا خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي وئي. ڌرڻي کي خطاب ڪندي جسقم مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي. رواداري تحريڪ جي سربراهه پنهل ساريو. نصرالله ڪلادي. مير حسن لاشاري پ پ شهيد ڀٽو جي الياس ملڪ. شهري ايڪشن ڪاميٽي جي اڪبر ڳنپ. جماعت اسلامي جي يوسف مزاري ڪامريڊ ظهور دايو. بهادر لولائي. ايڊوڪيٽ ساجد دايو ايڊوڪيٽ عبدالمجيد ميربحر امتياز ڀٽو اصغر شيخ جسم اڳواڻ مجيد جوڻو ۽ ٻين چيو ته 12 ڏينهن گذرڻ باوجود الائينس شگر مل ۾ قتل ڪيل جنيد ملڪ جو قتل ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. هنن چيو ته گهوٽڪي ضلع صنعتي زون هجڻ باوجود لوڪل ماڻهن کي روزگار نه پيو ڏنو وڃي صنعتي ادارن ۾ لوڪل ماڻهن کي روزگار ڏين بدران مقامي ماڻهن کي لاش تحفي ۾ ڏنا پيا وڃن. هنن چيو ته هڪ هفتي اندر ضلع انتظام جنيد ملڪ جو قتل ڪيس داخل ڪري قاتلن کي گرفتار نه ڪيو ويو ته ايندڙ هفتي پيهروارٽن سان گڏ الائينس شگر مل آڏو نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو جيڪو قتل ڪيس ۽ جوابدارن جي گرفتاري تائين جاري رهندو

بقايا — سنڌيار — 22

سنڌ ۾ ئي دفن ٿينداسين هن چيو ته پچا برادري جا ماڻهون بااثرن ۽ شر پسندن جي چوڻ تي اسان کي تمام گهڻو پريشان ڪري ڇڏيو آهي اسان جي هارين کي حراسان ڪري اسان سميت اسان جي هارين کي تنگ ڪن پيا اسان جي اوطاقن تي حملا ڪري اوطاق کي باهيون ڏنيون ويون آهن اسان پنهنجي ذاتي زمين مان پچا برادري کي گس ڏنا آهن پر هو اسان جي ئي زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا بااثر چاهين ٿا ته اسان زمين وڪڻي هتان هليا وڃون پر اسان پنهنجي وڏن جي ملڪيت ڪٿين وڪڻون اسان جو جيئڻ مرڻ سنڌ سان آهي اسان کي ڏک اهو آهي ته ڪجهه فسادي ماڻهون اسان کي ڏاريو قرار ڏئي اسان خلاف وڏيون سازشون ڪري رهيا آهن پر اسان ڏاريا ناهيون هن ٻڌايو ته پچا برادري ۽ اسان جي تڪرار جا ڪافي دفعا معززين وٽ فيصلا ٿيا آهن پر هو معززين جي فيصلي کي مڃڻ لاءِ تيار ناهن اسان اڄ به فيصلي لاءِ تيار آهيون ڪير معزز فيصلو ڪري اگر اسان ڏوهاري ثابت ٿيون ته اسان کي سزا ڏني وڃي اگر پچا برادري جا ماڻهون ڏوهي ٿين ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي هن چيو ته پچا برادري جا ڪجهه ماڻهون روز ٻي ڏينهن ڪو نه ڪو ڊرامو رچائي اسان کي تنگ ڪري رهيا آهن اسان مٿان سنگين الزام هڻي اسان کي بدنام ڪيو پيو وڃي پچا برادري جا ڪجهه ماڻهون منهنجي ذاتي جريب زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي پلي ڪير به اعلي آفيسر اچن وزٽ ڪن ته ناجائزي ڪنهن سان ٿي رهي آهي سڀ تماشو ڏسڻ وارا آهن ڪير به حق جي ڳالهه نٿو ڪري اسان پنهنجي سيفٽي لاءِ قانون جو سهارو ورتو آهي بلڙي ٿاڻي تي پنهنجي تحفظ ۽ ٿيل ناجائزي جي درخواست ڏني آهي. هن هڪ وڊيو ڊيڪارينڊي ٻڌايو ته هڪ سال پهرين اسان جي فصل جو نقصان ٿيو جنهن بعد اسان اڪبر پچو کي ۽ غلام قادر کي دانهن ڏني بعد ۾ اڪبر پچو اسان جي اوطاق تي پهچي ٿيل زبان جي

قبول داري ڪئي چيو ته توهان جو بار بار نقصان ٿئي ٿو ان ڪري اسان هتان ٽپڙ کڻي وڃون ٿا پر اسان هنن کي ٽپڙ کڻي وڃڻ کان روڪي ڇڏيو اسان هنن سان چڱايون ڪيون آهن پر هنن اسان کي ڏاڍو تنگ ڪيو آهي. هن چيف جسٽس آف پاڪستان سپريم ڪورٽ سنڌ هائي ڪورٽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سميت ٽنڊو محمد خان ۽ بلڙي شاهه ڪريم جي معززين کي اپيل ڪئي آهي ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ لساني فساد وڌائيندڙن خلاف پڻ قانوني قدم کڻي اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا — سنڌيار — 23

جو چوڻ هو ته حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي پيروي تي هلڻ ئي اسان مسلمانن جي لاءِ ڪاميابي آهي اسان کي گهرجي ته پنج وقت نماز پابندي سان پڙهي حضرت محمدصلي الله عليہ وسلم جي پيروي تي هلي ڪاميابيون حاصل ڪيون جڏهن ته آخر ۾ مهمان خاص حضرت مولانا راشدخالد محمود سومرو صاحب ۽ حضرت مولانا محمدطاهرهاليجوي صاحب ۽ يوسي چيئرمين سردار محمداجمل خان گرگيج جي دست مبارڪن سان حافظ طُلبا جي دستاربندي به ڪئي وئي آهي ۽ آخر ۾ عالم اسلام ۽ ملڪ پاڪستان جي سلامتي لاءِ دعا به ڪرائي وئي آهي.

بقايا — سنڌيار — 24

صحت جون سهولتون ڏيڻ لاءِ گورنمينٽ ڊسپينسري کي اپ گريڊ ڪيو ويو آهي ان موقعي تي هن ڊسپينسري جي باهران پارڪ ۽ مسافرخانو ٺاهڻ جو پڻ اعلان ڪيو هن ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آئي سيد ذاڪر علي شاهه کي هدايتون ڏيندي چيو ته مقامي ماڻهو سمورن مسئلن کي آساني سان حل ڪري سگهن ٿا آن ڪري پروجيڪٽن ۾ انهن کي شامل ڪيو وڃي هن چيو ته ضلع ڪائونسل جي 13 ڊسپينسرين جو ڪم هلندڙ آهي اهي مڪمل ڪري پي پي ايڇ آئي جي حوالي ڪيون ويندئون تقريب کي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شير محمد نوهڙيو ۽ ڊي ايم سيد ذاڪر علي شاهه ٻڌايو ته پي پي ايڇ آئي 2007 کان سنڌ ۾ بنا ڪنهن فرق جي صحت جون سهولتون مهيا ڪري رهي آهي هن سيراڻي جي ڊسپينسري ۾ ماءُ ۽ ٻار جي سار سنڀال الٽرا سائونڊ فيملي پلاننگ حمل دوران سار ۽ 8 بنيادي ٽيسٽون ٽي بي ڪاري سائي جون ٽيسٽون مفت ڪيون وڃن ٿيون ان کان علاوه حامله عورتن کي ڳوٺان کڻي اسپتال تائين ۽ وري اسپتال مان ڳوٺ تائين ايمبولينس جي سهولت پڻ ڏني وڃي ٿي افتتاحي تقريب کي ڊسٽرڪٽ نيوٽريشن آفيسر آصف علي انصاري تي بي فوڪل پرسن ڊاڪٽر شاهد ڪوسو سيراڻي ڊسپينسري جو انچارج ڊاڪٽر جاويد اقبال قمبراڻي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ايل ايڇ ڊي پي اقبال حيدر ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بقايا — سنڌيار — 25

۽ پيا ڪري رهيا هئا، احتجاج ۾ شامل اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته گذريل 9 ورهين کان اسان احتجاج ڪري رهيا آهيون پر اسان جي دانهن ٻڌڻ وارو ڪوئي ناهي جڏهن ته 2014ع ۾ هاءِ ڪورٽ به اسان جي حق ۾ فيصلو ڏنو هو ته جن به ٽيسٽ پاس ڪئي آهي انهن کي تعليم کاتي ۾ ڀرتي ڪري آفر آرڊر ڏنا وڃن ان وقت جي تعليم واري صوبائي وزير نثار کهڙو به اسان کي آسرو ڏنو ته اوهان کي تعليم کاتي ۾ آرڊر ڏنا ويندا پر هن به واعدا وفا نه ڪيا ۽ نه وري ڪورٽ جي حڪم کي مڃيو ويو.هاڻوڪي تعليم جي صوبائي وزير سيد سردار شاهه سان ڳالهين دوران چيو هو ته اقرا يونيورسٽي، اين ٽي ايس ۽ سنڌ يونيورسٽي مان جن به اميدوارن ٽيسٽ پاس ڪئي آهي انهن کي تعليم کاتي ۾ آرڊر ڏنا ويندا. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سردار شاهه به اسان کي ڪوڙا آسرا ڏنا پر هن وقت تائين اسان کي تعليم کاتي ۾ نوڪري نه ملي سگهي آهي، اسان 9 ورهين کان احتجاج ڪندا پيا اچون هاڻ ته اسان جي عمر به وڏي وئي آهي اسان کي ٻين کاتن ۾ نوڪريون به نه ملنديون. مظاهرين پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ايم پي اي فريال ٽالپر، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته اسان کي تعليم کاتي ۾ نوڪري ڏئي اسان ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا — سنڌيار — 26

سگهو وس وارن کي عرض اهي ت غريبن لاءِ ڪو ڪدم کيون وڃي ت جين غريب پنهنجو وقت ڪدي سنگهي ن وري اٿي جا استال لڳيان وڃن ن عام خاص ڪٺڪ گهٽ ريٽ ڏني وڃي هر هند ت غريبن جو فائدو ٿيندو ن ت وڏيرا ۽ سيٺ ڪائي ويندا غريبن جو ساڳي حال رهندو غريب عوام

بقايا — سنڌيار — 27

اکين جو مفت ۾ چيڪ اپ ڪري ڪين دوائون ڏنيون ويو انهي موقعي تي اکين جي ماهر ڊاڪٽر عبدالقادر جمالي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته برسات ۽ ٻوڏ بعد بدين ۽ آس پاس جي علائقي جا رهواسي

معاشي طور پريشان آهن انهي ڪري مختلف شهرن ۾ اکين جي ڪئمپ قائم ڪري ماڻهن جو مفت چيڪ اپ ڪريون پيا انهي موقعي تي پ پ اڳواڻ ۽ بلدياتي اليڪشن ۾ ننڊو ٽائون لاءِ منتخب وائيس چيئرمين اياز علي ملاح ,نعيم اختر ميمڻ ، محمد خان پرڳڙي ۽ ٻين رضاڪارانا طور اکين جي ڪئمپ تي ڪم جي ذميواري سنڀاليندي ڊاڪٽرن جي آيل ٽيم جي مدد ڪئي ۽ مريضن جي لاءِ سهوليتن جو اهتمام ڪيو.

بقايا — سنڌيار — 28

صحافي شهزاد ملاح، غلام حسين ملاح ,امين ملاح، حنيف ملاح ,رشيد احمد ملاح,راڄ نياز سونپار، سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي، سالگره جي تقريب جي موقعي تي اڳواڻن ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي جي وڏي عمر لاءِ دعائون گهريون، ۽ چيو ته ڊاڪٽر قادر مگسي سنڌ جي لوئي ۽ لڄ جو محافظ آهي، هميشه سنڌ جي جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي ڊاڪٽر قادر مگسي مزاحمتي جنگ جو سرواڻ آهي.

بقايا — سنڌيار — 29

سو ويڪنٽ پوسٽ هيون ان ۾ 1500 سو اميدوار 40 مارڪون کڻي ڪامياب ٿيا جيڪي ويڪنٽ پوسٽ رهجي ويو آهن ۽ جن جون 39 کان 33 مارڪون آهن ضلعلي نوشهرو فيروز ۾ سنڌ پوليس حيدر آباد 388 رينج جون 240 پوسٽ پيل آهن ته 33 کان 39 وارن کي آفر آڊر ڏنا وڃن اسان اپيل ٿا ڪيون سي ايم سنڌ سائين مراد علي شاهه ۽ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ کي ڪي اسان کي نوڪري ڏني وڃي ورنه حيدر آباد ۾ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 30

رينجرس چيڪنگ دوران ڦورو ٽولي کي روڪڻ جي ڪوشش تي ڦورو ٽولي فائرنگ ڪندي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي رينجرس ۽ ڦورو ٽولي جي درميان ٻه طرفا مقابلي ۾ سنگين ڏوهن ۾ مطلوب بلال افغاني ٽڏي تي مارجي ويو جڏهن ته ٻيو نامعلوم ڦورو سخت زخمي ٿي پيو، جنهن کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي اسپتال موڪليو ويو. جڏهن ته علائقي واسين پهچي رينجرس جي حق ۾ نعرا هنيا. پوليس موجب بلال افغاني جو هڪ ڏوهاري ٽولو هو جيڪو لوٽ مار ڪرڻ تي ماڻهن کي گوليون هڻي قتل ۽ زخمي ڪندو هو. پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته بحال مٿان اڳ به ڪيس داخل آهن جنهن جو وڌيڪ رڪارڊ چيڪ ڪيو ويندو.

بقايا — سنڌيار — 31

نگران لالا اشرف شيدي بنا مقابلي چونڊيل صدر ارشد پنهور، سينئر نائب صدر لعل خان، نائب صدر حافظ فيصل گدي، جنرل سيڪريٽري زاهد علي بروهي، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري راڄ همير سنگ، خزانچي محمد زبير رند، پريس سيڪريٽري ذيشان گدي، اطلاعات سيڪريٽري جاويد شيخ کي عهدن جو حلف کڻايو . تقريب ۾ پ پ يوٿ جي ضلعي صدر سيد سلال شاهه، محمد جمن کيهر، ساس جي مرڪزي خزانچي اعظم ڀٽي، تاجران فيڊريشن جي اڳواڻن حاجي اسماعيل ميمڻ، حاجي شبير ميمڻ , عبدالڪريم شيخ , محمد سليم گدي، عبدالله پنهور ,صديق ڇيپا، احمد غوري , موبائل ايسوسيئيشن جي اڳواڻن شيراز ميمڻ , اظهر قريشي , فيصل ميمڻ , موٽرسائيڪل ايسوسيئيشن جي اڳواڻ ذوالفقار صبحپوٽو , مير عنايت ٽالپر سميت وڏي انگ ۾ واپارين ۽ سياسي ,سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي , تقريب ۾ چونڊيل عهديدارن ۽ مهمانن کي اجرڪون ۽ گلن جا هار پارايا ويا. ان موقعي تي چونڊيل عهديدارن سچائي سان خدمت ڪرڻ جو وچن ورجايو.

بقايا — سنڌيار — 32

ٽائن رلا جنور ڏپور سنڌ ۾ احتجاج جو اعلان ، فوڊ ايمپلائيز فيڊريشن پاران نوشهرو فيروز.ان موقعي تي فوڊ ايمپلائيز فيڊريشن سنڌ جي صدر جاويد يونس راڄپر، محمد گوپانگ، گل محمد ڪلهوڙو ۽ ٻين چيو ته فوڊ کاتي اندر انڌير نگري چرٻٽ راجا جو قانون هلي رهيو آهي هڪ پاسي ڪرپشن ۾ ملوث آفيسرن جا پروموشن ڪيا ويا آهن ۽ افسوس جو کاتي اندر 24 ڪلاڪ ڊيوٽي ڏيندڙ پڙهيل لکيل ڪواليفائيڊ چوڪيدارن، پٽيوالن، ڊرائيورن سميت ننڍن ملازمن کي پروموشن به نه پيا ڏنا وڃن نه ئي وري وزيراعلي سنڌ جي ليٽر جي باوجود به سيڪريٽري فوڊ ۽ سيڪريٽري فنانس ملازمن کي ٽائيم اسڪيل ڏيڻ لاءِ تيار آهن جيڪا ننڍن ملازمن سان ناانصافي جي انتها آهي جڏهن ته آفيسرن خوراڪ کاتي کي پنهنجي جاگير بڻائي ڇڏيو آهي جيڪي فوتي ڪوٽا تي به عمل ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ نه وري ورڊ الائونس ۽ گروپ انشورنس بلن تي رشوت جي بغير صحيح ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن جنهن سبب ڪيترن ئي فوتي ملازمن جا خاندان فاقاڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهن هنن چيو ته نواز دور جي برطرف آفيسرن کي بحال ڪيو ويو آهي پر ننڍن ملازمن کي بحال نه ڪيو ويو آهي آفيسرن جا پروموشن ڪيا ويا آهن پر ننڍن ملازمن کي ٽائيم اسڪيل نه ٿو ڏنو وڃي.

❊❊❊❊